ويب ايڊيشن

# ماهوار فيضانِ مدينہ

(دعوت اسلامي)

محرم الحرام 1444ھ

آگسٽ 2022ء



**فرمانِ امير اهلِ سنت**

مسلمانن کي پرچائڻ
گهرجي نکي ويڙهائڻ!
چوتہ پرچاءَ ۾ ڀلائي آهي

حضرت عمر فاروق ۽ امام حسين رضي الله عنهما

پنهنجا مسئلا ڪنهن سان ڀسڪس ڪريون؟

عاشورا جا فضائل

آزادي جي نعمت






# بي لذتو گناه

مفتي محمد قاسم عطاري*

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّمَا كَانَ قَوْلَ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذَا دُعُوْۤا اِلَى اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ اَنْ يَّقُوْلُوْا سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا ؕ وَ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (۵۱)

ترجمو ڪنزالعرفان: مسلمانن جي ڳالھ تہ اهائي آهي جو جڏهن انهن کي الله ۽ ان جي رسول جي طرف سڏيو ويندو آهي تہ جيئن رسول انهن جي وچ ۾ فيصلو فرمائي تہ اهي عرض ڪندا آهن تہ اسان ٻڌو ۽ اطاعت ڪئي ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيڻ وارا آهن. (1)

**تفسير:** هن آيت ۾ الله پاڪ مؤمنن جو شان بيان ڪيو آهي تہ انهن جو طريقو الله تبارڪ وتعالىٰ جو هر حڪم مڃڻ ۽ ان جي اڳيان پنهنجو متو جهڪائي ڇڏڻ آهي. الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪرڻ جو نالو ”اطاعت“ آهي ۽ حڪم تي عمل نہ ڪرڻ جو نالو ”مَعْصِيت يعني نافرماني“ آهي.

نافرمانيءَ جي لاءِ قرآنِ مجيد ۾ ڪيئي الفاظ بيان ٿيا آهن جهڙوڪ ”فِسق، عُدوان، حَرام“ ۽ ”اِثم“ وغيره. قرآنِ پاڪ ۾ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا تَنَاجَيْتُمْ فَلَا تَتَنَاجَوْا بِالْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ وَ مَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان پاڻ ۾ مشورا ڪيو تہ گناه ۽ حد کان وڌڻ ۽ رسول جي نافرماني ڪرڻ جا مشورا نہ ڪيو. (2) هنن سيني لفظن ۾ گناه جو مفهوم مشترڪ (گڏيل) آهي.

**گناهن جي ڪجھ تفصيل:** گناه چاهي ننڍو هجي يا وڏو، خفيہ هجي يا اعلانيہ، ان ۾ چاهي لذّت هجي يا نہ هجي، بهرحال گناه تہ گناه ئي آهي ۽ خدا جي طرفان ٿيڻ واري گرفت جو اسان کي علم ناهي تہ ڪهڙي گناه تي گرفت فرمائي. اسان جي معاشري ۾ گناهن جي گهٽائي ايتري حد تائين وڌي چڪي آهي جو هاڻي نوجوانن ۾

اهڙا گناه بہ ڪثرت سان سامهون اچن پيا جن ۾ نڪي لطف نہ ئي سواد، رڳو فضول ۾ مختلف اداڪارن، ڳائڻن ۽ بري ماڻهن جي پويان لڳي ڪري انهن جي نقالي ڪن ٿا، جيئن مردن جو ڪنن ۾ واليون، آڱرين ۾ سون يا عام لوهہ جون منڊيون، هٿن ۾ بريسلٽ(ڪنگڻ)، ڪڙا ۽ ڳچيءَ ۾ لوهي چين (زنجير) پائڻ ايئن ئي شارٽس جي نالي تي اهڙا ڪچا پائڻ جنهن مان ڳوڏا ۽ رانون ڪليل نظر اينديون آهن، جسم تي ٽيٽو (رنگين چِٽي ڊيزائن) ٺهرائڻ، ايئن ئي ڏاڙهيءَ جي عجيب غريب ڊزائن ٺهرائڻ. هي عجيب بي لذّتو گناه آهي جو پاڻ کي پنهنجي خيال ۾ سڀ کان منفرد سمجهيو ويندو آهي حالانڪ حقيقت ۾ حاصل ڪجهہ بہ ناهي ٿيندو.

هنن گناهن جا اسباب! اهڙن گناهن جا بہ سبب هوندا آهن.

**هڪ سبب علم جو نہ هئڻ آهي تہ ان** شيءِ جو گناه هئڻ ئي معلوم ناهي.

**ٻيو سبب نفس ۽ شيطان جي پيروي** ۽ خدا جي حڪم تي عمل ڪرڻ جو شوق نہ هئڻ. ٻئي سبب مسلمان جي آخرت کي نقصان پهچائڻ وارا ۽ ڪين ايماني ذوق جي خلاف آهن. هنن ٻنهي سببن جي خاتمي جو طريقو هيٺ پيش ڪيو پيو وڃي.

گناه ڪرڻ جي پهرين سبب ”لاعلمي“ جو تدارڪ!

پهريون سبب گناه بابت علم جو نہ هئڻ آهي ۽ مٿي بيان ڪيل بي لذّت گناهن جي حوالي سان هن جو حل هي آهي تہ شرعي حڪم ۽ انهن گناهن تي وعيدن بابت تعليمات حاصل ڪيو. اچو احڪامِ شريعت ۽ گناهن جون وعيدون پڙهون ٿا:

پهريون گناه: بي لذّت گناه جو واضح ۽ عام طور پاتو ويندڙ مثال مختلف ڌاتُن جا ڇلا ۽ شرعي معيار کان هٽي ڪري پاتيون ويندڙ منڊيون آهن. شريعت جو حڪم هي آهي تہ مرد جي لاءِ چانديءَ جي ساڍن چئن ماشن کان گهٽ وزن جي هڪ ٻڙي واري هڪ منڊيءَ کان سواءِ ڪنهن بہ ڌات جي منڊي يا ڇلو يا ڪڙو وغيره پائڻ جائز نہ آهي جيئن تہ هڪ ماڻهو الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مَدَني، محمدِ عربي ﷺ جن وٽ آيو، ان کي پِتَل جي هڪ منڊي پاتل هئي. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: تہ ڇا ڳالهہ آهي جو آءٌ توهان مان بتن جي بوءِ محسوس ڪيان ٿو؟ تہ ان اها منڊي لاهي ڇڏي، وري ٻئي دفعي آيو تہ لوهہ جي منڊي پاتل هيس، تہ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي ﷺ جن فرمايو: ڇا ڳالهہ آهي جو اوهان تي جهنّمين جي زيور کي ڏسي رهيو آهيان؟ ان اها بہ لاهي ڇڏي ۽

عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ! مان ڪنهن شيءِ جي منڊي ناهيان؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ جن فرمايو: چانديءَ جي منڊي ناهيو ۽ هڪ مثقال يعني ساڍا چار ماشا پورا نہ ڪجانءِ.[3]

**ٻيون گناھ:** ڪيئي نوجوان اڄڪلھ لوھ جا ڪڙا يا ٻين مختلف ڌاتن جا ڪنگڻ (Bracelet) بہ پائن ٿا، هي بہ ناجائز ۽ گناھ آهي. مڪي مَدَني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ جن مردن کي ڪڙن پائڻ کان سختي سان منع فرمايو آهي، بهرحال نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ جن هڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ پتل جو ڪنگڻ پاتل ڏٺو، تہ فرمايائون: توتي افسوس آهي، تو چا ڪري ڇڏيو؟ ان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ! هي مون بيماري جي ڪري پاتو آهي، تہ الله جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ فرمايو: هن سان تنهنجي بيماريءَ ۾ اضافو ئي ٿيندو. هن ڪنگڻ کي لاهي ڇڏ، ڇوتہ جيڪڏهن تون هن حالت ۾ مَري وئين، تہ تون ڪڏهن بہ ڪاميابي ماڻڻ وارن مان نہ ٿيندين.[4]

**ٽيون گناھ:** ڇوڪرن جو پنهنجي ڪنن ۾ واليون پائڻ آهي، هي ناجائز ۽ حرام آهي، ڇوتہ واليون پائڻ ڇوڪرين جو ڪم آهي ۽ مرد کي حڪم آهي تہ هو عورتن جي مشابهت اختيار نہ ڪري، ۽ جيڪو مرد عورتن سان مشابهت اختيار ڪري ان تي لعنت آهي، جيئن تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ! عورتن جي مشابهت اختيار ڪرڻ وارن مردن تي ۽ مردن جي مشابهت اختيار ڪرڻ وارين عورتن تي لعنت فرمائي آهي.[5]

**چوٿون گناھ:** مردن جو سونَ چانديءَ جون زنجيرون پائڻ آهي. هي بہ مردن تي حرام آهي، ڇوتہ چاندي يا سونَ جي چين پائڻ عورتن جي لاءِ جائز آهي، جڏهن تہ مرد جي لاءِ چانديءَ جي منڊي اها بہ خاص شرائط سان ئي جائز آهي هن کان علاوه سون ۽ چانديءَ جي ڪنهن بہ قسم جي زينت مرد کي حلال ناهي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ پنهنجي ساڄي هٿ ۾ سون ۽ کاٻي هٿ ۾ ريشم پڪڙي ڪري هٿ مٿي ڪري واضح لفظن ۾ فرمايو تہ هي ٻئي شيون منهنجي امّت جي مردن تي حرام ۽ عورتن جي لاءِ حلال آهن.[6]

**پنجون گناھ:** ”شارٽس Shorts“ (ننڍي سائز جا ڪڇا) پائڻ آهي. هاڻوڪي دور جا نوجوان گهڻين، رستن تي اهڙا شارٽس (ننڍي سائز جا ڪڇا) پائي گهمندا آهن، جنهن سان گوڏا ۽ رانون ڪليل نظر اينديون آهن، حالانڪ گوڏا ۽ رانون سِترِ عورت يعني لڪائڻ وارن عضون ۾ داخل آهن، جيئن تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ هڪ ماڻهوءَ وٽان گذريا تہ ان جي ران کليل هئي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ جن فرمايو: پنهنجي ران

لڪايو چو تہ هيءَ بہ مرد جي سِتر (پردي) مان آهي.[7] اهڙيءَ طرح پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن خاص طور ”گوڏي“بابت ارشاد فرمايو: گوڏو سترِ عورت مان آهي يعني (لڪائڻ وارن عضون) جو حصو آهي.[8]

چهون گناهہ: جسم تي مختلف ڊزائن جا ٽيٽوز نهرائڻ آهي. هي فعل الله پاڪ جي جوڙيل شيءِ کي تبديل ڪرڻ آهي جيڪو حرام ۽ شيطاني ڪم آهي. قرآنِ پاڪ ۾ فرمايو ويو: وَ لَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَیُغَیِّرُنَّ خَلْقَ اللّٰهِؕ ترجمو ڪنزالعرفان: (شيطان چيو) ۽ مان انهن کي ضرور حڪم ڏيندُس تہ هي الله جون پيدا ڪيل شيون بدلائي ڇڏيندا.[9]

نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: الله پاڪ جي لعنت هجي (جسم گودرائڻ وارن ۽ وارين، وارَ پٽڻ وارين، ۽ خوبصوتي جي لاءِ ڏندن ۾ ڪڙڪيون نهرائڻ وارين، ۽ الله جي تخليق ۾ تبديلي ڪرڻ وارين تي.[10] (گودرائڻ هي آهي تہ بدن تي سوئي هڻي ڪري ڪو رنگ وغيره پريو ويندو آهي، اها ٽيٽو ٺاهڻ جي پراڻو طريقوسمجهي وٺو)

ستون گناهہ: ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائي مختلف ڊيزائن جي ڏاڙهي رکڻ بہ گناهہ آهي. نوجوانن جي اڪثريت هن واجب جي تارڪ نظر اچي ٿي، حالانڪ ڏاڙهي سنّتِ متواتره ۽ متوارثہ، ديني ۽ مذهبي شعار ۽ تمام انبياءِ ڪرام جي سنّت آهي. نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي ڪيئي حديثن ۾ ڏاڙهي رکڻ جو حڪم ڏنو آهي. بهرحال هڪ پيري فرمايائون: مشرڪين جي مخالفت ڪيو ڏاڙهي وڌايو ۽ مڇون گهٽايو. حضرت ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما جڏهن حج يا عمرو ڪيو تہ پاڻ پنهنجي ڏاڙهي کي هڪ مٺ ۾ ورتو ۽ باقي جيڪا هيٺان کان وڌيل هئي، ان کي ڪٽي ڇڏيائين.[11]

گناهہ ڪرڻ جو بيون سبب ۽ ان جو تدارڪ!

بيو سبب نفس ۽ شيطان جي پيروي ۽ خدا جي حڪم تي عمل ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو نہ هئڻ آهي. هي ڪيفيت ماڻهوءَ کي هر طرح جي گناهن تي آمادو ۽ دلير ڪندي آهي. هنن سيني جو خاتمو ۽ علاج هي آهي تہ الله پاڪ جي احڪامن تي نظر هجي تہ اسان جو پاڪ پروردگار اسان کي ڪهڙو حڪم ٿو فرمائي، الله پاڪ فرمايو:

وَ ذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَ بَاطِنَهٗ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ظاهري ۽ باطني سڀ گناهہ ڇڏي ڏيو.[12] ۽ هن ڳالهہ تي بہ توجهہ رهي تہ قيامت جي ڏينهن هر ننڍي وڏي ڀلائي ۽ برائي سامهون آندي ويندي، جيئن تہ حضرت لقمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي پٽ کي فرمايو:

يٰبُنَيَّ اِنَّهَاۤ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ فِي السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿۱۶﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: اي منهنجا پٽ! برائي جيڪڏهن رائي جي داڻي جي برابر هجي پوءِ چاهي اها پٿر جي چٽان ۾ هجي يا آسمان ۾ يا زمين ۾، الله ان کي آڻيندو بيشڪ الله هر سنهي کان سنهي شيءِ کي ڄاڻڻ وارو خبردار آهي. [13] ۽ ماڻهو ان وقت کي ياد ڪري جڏهن اعمالنامو کوليو ويندو تہ هر ننڍو وڏو عمل ان ۾ لکيل هوندو ۽ گناهن تي ڪيڏي شرمندگي ٿيندي، جيئن فرمايو:

وَوُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَيَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّاۤ اَحْصٰهَا ۚ وَوَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ؕ وَلَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿۴۹﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اعمال نامو رکيو ويندو پوءِ اوهان مجرمن کي ڏسندؤ تہ ان ۾ جيڪو (لکيل) هوندو ان کان ڊڄي رهيا هوندا ۽ چوندا: هاءِ اسان جي بربادي! هن اعمال نامي کي ڇا ٿيو آهي جو ان هر ننڍي ۽ وڏي گناه کي شمار ڪري ورتو آهي ۽ ماڻهو پنهنجا سمورا عمل پنهنجي اڳيان ڏسندا ۽ تنهنجو ربّ ڪنهن تي ظلم نہ ڪندو. [14]

خدارا! پنهنجي آخرت جي باري ۾ سوچيو ۽ عام طور هر طرح جي گناهن ۽ خاص طور هن طرح جي بي لذّتي گناه (ڪنن ۾ واليون، آڱرين ۾ سون يا عام ڌاتُن جون منڊيون، هٿن ۾ ڪنگڻ، ڪڙا ۽ ڳلي ۾ ڌات جي چين (زنجير) پائڻ، ايئن ئي شارٽس جي نالي تي اهڙا ڪچا پائڻ جنهن ۾ گوڏا ۽ رانون ڪليل نظر اچن، جسم تي ٽيٽو (رنگين چِٽي ڊيزائن) ٺهرائڻ، ايئن ئي ڏاڙهيءَ جي عجيب ۽ غريب ڊيزائن ٺهرائڻ ڇڏي ڏيو، چوتہ هن ۾ دنيا جي عافيت ۽ آخرت جي نجات آهي. الله پاڪ اسان کي گناهن کان بچڻ جو جذبو ۽ توفيق عطا فرمائي. آمين

---

1 ... سيپارو 18، سورت النّور: آيت 51
2 ... سيپارو 28، سورت المجادله: آيت 9
3 ... ابو داؤد، 122/4، حديث:4223
4 ... مسندِ امام احمد، 204/33، حديث:20000
5 ... بخارى، 73/4، حديث:5885
6 ... ابن ماجة، 157/4، حديث:3595
7 ... مسندِ امام احمد، 295/4، حديث:2493
8 ... دار قطنى، 431/1، حديث:889
9 ... سيپارو 5، سورت نسآء: آيت 119
10 ... بخارى، 87/4، حديث:5948
11 ... بخارى، 75/4، حديث:5892
12 ... سيپارو 8، سورت الانعام: آيت 120
13 ... سيپارو 21، سورت لقمان: آيت 16
14 ... سيپارو 15، سورت ڪهف: آيت 49

# حضرت عمر فاروق ۽ امامِ حسين رضی اللہ عنہما

چئن عزت ۽ حرمت وارن مهينن مان هڪ عزت ۽ عظمت ۽ برڪت وارو مهينو محرمُ الحرام جو بہ آهي جڏهن هي مبارڪ مهينو ايندو آهي تہ جتي ان جي عزت ۽ عظمت جو ذڪر ڪيو ويندو آهي اتي هن مهيني ۾ ٻن عظيم شخصيتن جي شهادت ۽ خوبين جو ذِڪرِ خير بہ ضرور ڪيو ويندو آهي، پهرين محرم الحرام 24 هجري جو پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي روضي مبارڪ ۾ مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت سيّدنا ابوبڪرصديق رضی اللہ عنہ جي پر ۾ عظيم شخصيت مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت سيّدنا عمر فاروق رضی اللہ عنہ جي تدفين ٿي، جڏهن تہ ٻي عظيم هستي پاڻ سڳورن جا ڏوهٽا، بيبي فاطمہ رضی اللہ عنہا جي دل جا ٽڪرا، امام عالي مقام امام حسين رضی اللہ عنہ جن جي پياري ۽ مبارڪ ذات آهي پاڻ 10 محرم الحرام 61 هجري تي نهايت بيدردي سان شهيد ڪيا ويا ها.

فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جن جي اهلبيت سان محبت ۽ اهلبيت جي فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ سان محبت تصوير جو ڪو نئون رخ ناهي، حضرت سيّدنا علي رضی اللہ عنہ کي فاروقِ اعظم جي تدفين جي موقعي تي اهو چوندي ٻڌو ويو تہ: هاڻي توهان جي پويان ڪو اهڙو شخص ناهي بچيو جيڪو مونکي توهان کان وڌيڪ محبوب هجي ۽ جنهن جي اعمال جيان پنهنجا اعمال ڪٽي ڪري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضري ڏيان، الله پاڪ جو قسم! مونکي يقين هو تہ الله ڪريم توهان کي پياري حبيب ۽ پياري صديق جي رفاقت ضرور عطا فرمائيندو چوتہ مون ڪيئي ڀيرا پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ والہ وسلم کي هي فرمائيندي ٻڌو هو: ابوبڪر ۽ عمر مون سان گڏ هليا، ابوبڪر ۽ عمر مون سان گڏ ٻاهر نڪتا، ابوبڪر ۽ عمر مون سان گڏ فلاڻي گهر ۾ داخل ٿيا.(1)

عدنان احمد عطاري*






* سينيئر استاد مرڪزي جامعة المدينہ
فيضان مدينہ ڪراچي

هڪ پاسي مولا علي جن شانِ فاروقي ۾ هي ڪلمات ادا ڪيا ته ٻئي پاسي بلند مقام ۽ مرتبو رکڻ واري حضرت سيّدنا عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن به هڪ خاص موقعي تي مولا علي جي باري ۾ هي ڪلمات ارشاد فرمايا: جيڪڏهن علي نه هجي ها ته عمر هلاڪ ٿي ويو هجي ها.[2] فاروقِ اعظم نه صرف مولا علي سان بلڪ انهن جي شهزادن امام حسن ۽ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُم سان به بي انتها عقيدت ۽ محبت رکندا هئا. علّامه ابنِ ڪثير دمشقي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ (وفات جو سال: 774ھ) فرمائن ٿا: هي ڳالهه ثبوت تائين پهچي چڪي آهي ته حضرت عمرِ فاروق امام حسن ۽ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا، انهن کي جهوليءَ ۾ کڻندا هئا ۽ جهڙيءَ طرح مولا علي کي (مالِ غنيمت مان حصو) ڏيندا هئا ايئن ئي انهن ٻنهي شهزادن کي به (مالِ غنيمت مان حصو) عطا ڪندا هئا.[3]

اچو هيٺ ڏنل فاروق اعظم ۽ امام حسين جا ڪجهه واقعات پڙهون ٿا:

**توهان اهلبيتِ اطهار اسان جي لاءِ رهنما آهيو:** هڪ ڏينهن حضرت امام حسين حضرت عمر فاروق جن جي گهر ويا ته هُو حضرت معاويه سان ڳالهين ۾ مصروف هئا ۽ پٽ عبد الله بن عمر دروازي تي بيٺا هئا (۽ انهن کي اندر اچڻ جي اجازت نه هئي) حضرت عبد الله بن عمر واپس موٽڻ لڳا ته امام حسين به انهن سان گڏ موٽي ويا. بعد ۾ امام حسين جي ملاقات حضرت عمر فاروق سان ٿي ته حضرت عمر فاروق جن فرمايو: توهان تشريف وٺي نه آيا، ان تي امام حسين عرض ڪيو: اي امير المؤمنين! مان آيو هيس ان وقت توهان حضرت معاويه سان اڪيلائيءَ ۾ هئا، عبد الله بن عمر واپس ٿيڻ لڳا ته مان به واپس موٽي ويس، حضرت سيّدنا عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن فرمايو: عبد الله بن عمر کان وڌيڪ اجازت ملڻ جا حقدار توهان آهيو، هيءَ ڳالهه اسان جي دل ۽ دماغ ۾ مضبوط ٿي چڪي آهي ته الله پاڪ جي طرفان هدايت آهي ۽ توهان اهلبيت جي رهنمائي آهي. پوءِ پاڻ (شفقت سان) پنهنجو هٿ امام عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي مٿي تي ڦيريائون.[4]

**وڌيڪ حصو مقرر ڪيائون:** حضرت سيّدنا عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن جڏهن خلافت جي منصب تي فائز ٿيا ته اسلامي فتوحات جو سلسلو وڌندو ئي ويو، پوءِ هڪ جڳهه تان غنيمت جو مال مديني پهتو ته حضرت سيّدنا عمر فاروق جن ان مان صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جي لاءِ حصو مقرر ڪيو. پنهنجي پٽ حضرت عبد الله بن عمر جي لاءِ ٽي هزار جڏهن ته مولا علي جي لاءِ پنج هزار مقرر ڪيائون ۽ امام حسن ۽ امام حسين جي لاءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهڙائپ جي ڪري پنج پنج هزار جا حصا مقرر ڪيائون.[5]

**ڪپڙا عطا ڪيائون:** هڪ ڀيري

حضرت سيّدنا عمر فاروق جن صحابہءِ ڪرام جي ٻارن ۾ ڪجھ ڪپڙا ورهايائون پر انهن ڪپڙن ۾ ڪو اهڙو ڪپڙو نہ هو جيڪو امام حسن ۽ امام حسين جي شان جي لائق هجي تنهنڪري پاڻ انهن ٻنهي مقدس حضرات جي لاءِ يمن مان ڪپڙا گهرايائون ۽ پوءِ چيائون: هاڻي منهنجي دل خوش ٿي آهي.(6)

**گواھ رهجو:** حضرت سيّدنا عمر فاروق رضی اللہ عنہ هڪ ڀيري مديني ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا تہ اوچتو حضرت علي ۽ امام حسن ۽ امام حسين رضی اللہ عنہم سامهون اچي ويا، حضرت علي جن سلام ڪيو ۽ فاروقِ اعظم جو هٿ پڪڙيائون، جڏهن تہ امام حسن ۽ امام حسين فاروقِ اعظم جي ساڄي ڪاٻي اچي ڪري بيهي رهيا، ايتري ۾ فاروقِ اعظم روئڻ لڳا، هي ڏسي ڪري مولا علي عرض ڪيو: اي امير المؤمنين! ڇا جي ڪري توهان روئي رهيا آهيو؟ حضرت عمر فاروق جن فرمايو: اي علي! مون کان وڌيڪ روئڻ جو حقدار ڪير آهي؟ مونکي هن امّت جو والي ۽ حڪمران مقرر ڪيو ويو آهي مان انهن ۾ فيصلا ڪندو آهيان، هاڻي مونکي خبر ناهي تہ سُٺو فيصلو ڪندو آهيان يا غلطي ڪري ويهندو آهيان، حضرت علي رضی اللہ عنہ جن چيو: خدا جو قسم! توهان عدل ۽ انصاف سان ڪم وٺندا آهيو، پر حضرت علي جي هيءَ ڳالھ فاروقِ اعظم جا ڳوڙها بند نہ ڪري سگهي، هي ڏسي ڪري امام حسن جن حضرت فاروق اعظم جي حڪومت ۽ عدل ۽ انصاف جي گفتگو ڪئي، پر حضرت عمر فاروق جا ڳوڙها زارو قطار وهندا رهيا، پوءِ امام حسين جن بہ اهڙيءَ طرح گفتگو ڪئي، هيڏانهن امام حسين جي گفتگو ختم ٿي هوڏانهن فاروق اعظم جا ڳوڙها رڪجي ويا، ان کان پوءِ فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ چوڻ لڳا: اي منهنجا ڀائٽيؤ! ڇا توهان هن ڳالھ تي گواھ بڻجي رهندؤ؟ ٻئي شهزادا خاموش رهيا پوءِ پنهنجي والدِ محترم حضرت مولا علي ڏي ڏٺائون تہ حضرت علي جن فرمايو: توهان ٻئي هن ڳالھ تي گواھ بڻجي وڃو ۽ مان بہ توهان سان هن ڳالھ تي گواھ آهيان.(7)

---

1 بخاری،527/2،حدیث:3685
2 استیعاب،206/3
3 البدایۃ والنہایہ،717/5
4 الاصابہ فی تمییز الصحابہ،69/2 ، تاریخ المدینہ لابن شبہ،جز:3، ص799
5 شرح معانی الآثار،228/3
6 تاریخ الاسلام للذہبی،101/5
7 ریاض النضرۃ،374/1،ازالۃ الخفاء،401/1۔




# عاشورا جا فضائل

هونئن تہ محرّمُ الحرام جو سڄو مهينو ئي رحمتن ۽ برڪتن وارو مهينو آهي پر خاص (Specially) هن مهيني جو ڏهون ڏينهن جنهن کي عاشوره چيو وڃي ٿو ان جي شان و عظمت تمام گهڻي آهي. عاشوري جو ڏهاڙو اڳوڻين امتن ۾ بہ نهايت محترم رهيو آهي، تاريخ هن ڏينهن جي اهم واقعن سان ڀري پئي آهي. هن ڏينهن ۾ عبادت ڪرڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، هن ڏينهن دعائون قبول ٿينديون آهن، هن ڏينهن حاجت مندن جون حاجتون پوريون ٿينديون آهن، هن ڏينهن تنگدستن جون تنگدستيون دور ٿينديون آهن ۽ انهيءَ ڏينهن غمزدن ۽ ڏکويلن جون مصيبتون دور ٿينديون آهن. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن مديني شريف ۾ آيا ۽ مديني جي يهودين کي عاشوري جو روزو رکندي ڏٺائون تہ انهن کان معلوم ڪيائون، انهن ٻڌايو تہ هي اهو مبارڪ ڏهاڙو آهي جنهن ۾ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ان جي قوم کي الله پاڪ جوتڪارو ۽ نجات عطا فرمائي هئي ۽ فرعون کي لشڪر سميت غرق ڪيو هو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ ڏهاڙي جي روزي جو زياده اهتمام فرمايو ۽ مسلمانن کي حڪم ڏنو تہ اهي بہ انهيءَ ڏهاڙي ۾ روزو رکن.

## عاشوري جي روزي جون فضيلتون

۞ نبي اڪرم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: عاشوري جو روزو رکو ان ڏينهن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام روزو رکن ٿا.[1]

۞ نبيِّ رَحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: عاشوري جي ڏينهن جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت ڪريو، ان کان اڳ ۾ يا پوءِ بہ هڪ ڏينهن جو روزو رکو.[2]

۞ حضرت سيّدُنا ابوقتاده رَضِیَ اللّٰه عَنْهُ کان روايت آهي رسول الله صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ مون کي الله تي گمان آهي تہ عاشوري جو روزو هڪ سال اڳ جا گناهہ مِٽائي ڇڏيندو آهي.[3]

۞ نبيِّ رَحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

جو فرمانِ رحمت نشان آهي: مُحرَّم جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي.(4)

❁ سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص عاشوري جي ڏينهن اِثْمَد سُرمو اکين ۾ لڳائي ته ان جون اکيون ڪڏهن به نه ڏکنديون.(5)

❁ مشهور مفسر حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عاشوري جي پلاري ڏينهن جي فضيلت بيان ڪندي فرمائن ٿا ته جيڪو محرم جي نائين ۽ ڏهين جو روزو رکي ته ان کي گهڻو ثواب ملندو، ٻارن ٻچن جي لاءِ ڏهين مُحرَّم جو خوب سنا ڪاڏا پچائي ته ان شآءالله سجي سال تائين گهر ۾ بَرَڪت رهندي. بهتر آهي ته کِچڙو پچائي شهيدِ ڪربلا حضرت سيِّدُنا امامِ حُسين رَضِیَ اللهُ عَنْه جي فاتحه ڪري، تمام مُجَرَّب (آزمايل عمل) آهي. انهيءَ تاريخ يعني 10 مُحرَّمُ الْحرام جو غسل ڪري ته سڄو سال ان شآءالله بيمارين کان امن ۾ رهندو ڇو ته ان ڏينهن آبِ زم زم سيني پاڻين ۾ ملي ويندو آهي.(6)

## عاشورا ڏينهن جون مُبارڪ نسبتون

**اچو ته هاڻي عاشوري جي پلاري ڏينهن کي مليل نسبتون پڙهون ٿا:**

❁ 10 مُحرَّمُ الْحرام عاشوري جي ڏينهن حضرت سيِّدُنا آدم صفي الله عَلَيْهِ السَّلَام جي توبهه قبول ڪئي وئي ❁ انهيءَ ڏينهن کين پيدا ڪيو ويو ❁ انهيءَ ڏينهن کين جنّت ۾ داخل ڪيو ويو ❁ انهيءَ ڏينهن عرش ❁ ڪرسي ❁ آسمان ❁ زمين ❁ سج ❁ چنڊ ❁ ستارا ۽ ❁جنّت پيدا ڪيا ويا ❁ انهيءَ ڏينهن حضرت سيِّدُنا ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام پيدا ٿيا ❁ انهيءَ ڏينهن کين باهه کان ڇوٽڪارو مليو ❁ انهيءَ ڏينهن سيِّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندن امت کي ڇوٽڪارو مليو ۽ فرعون پنهنجي قوم سميت غرق ٿيو ❁انهيءَ ڏينهن حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلَيْهِ السَّلَام پيدا ڪيا ويا ❁ انهيءَ ڏينهن آسمان ڏانهن کين کنيو ويو ❁ انهيءَ ڏينهن حضرت سيِّدُنا نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻيڙي جُودي جبل تي بيٺي ❁ انهيءَ ڏينهن حضرت سيِّدُنا سُلَيمان عَلَيْهِ السَّلَام کي هڪ مُلڪِ عظيم عطا ڪيو ويو ❁ انهيءَ ڏينهن حضرت سيِّدُنا يونس عَلَيْهِ السَّلَام مڇيءَ جي پيٽ مان ڪڍيا ويا ❁انهيءَ ڏينهن حضرت سيِّدُنا يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي نظر جي ڪمزوري دور ٿي ❁ انهيءَ ڏينهن حضرت سيِّدُنا يوسف عَلَيْهِ السَّلَام اونهي کوهه مان ڪڍيا ويا ❁ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيِّدُنا ايوب عَلَيْهِ السَّلَام جي تڪليف دور ڪئي وئي ❁ آسمان کان زمين تي سڀ کان پهرين برسات انهيءَ ڏينهن تي ❁ انهيءَ ڏينهن جو روزو امتن ۾



مشهور هو ايتري تائين جو هي چيو ويو تہ ان ڏينهن جو روزو رمضان المبارڪ جي مهيني کان اڳ فرض هو پوءِ منسوخ ڪيو ويو.[7] ۞ امامِ عالي مقام حضرت سيّدُنا امام حسين رضی اللہ عنہ ڪي شهزادن ۽ ساٿين سميت ٽي ڏينهن بُکيو رکڻ کان پوءِ انهيءَ عاشوري جي ڏينهن ڪربلا جي ميدان ۾ انتهائي بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1. جامع صغیر، ص۳۱۲، حدیث: ۵۰٦۷
2. مسندامام احمد، ج 1، ص518، حدیث2154
3. صحیح مسلم، ص 590 ،حدیث1162
4. طبرانی فی الصغیر، ج 2 ، ص 87، حدیث1580
5. شعب الایمان، ج 3 ، ص 367، حدیث3797
6. تفسیر روح البیان، ج 4، ص142، کوئٹہ، اسلامی زندگی ص93
7. مکاشفة القلوب، ص 311

سوال: ڇا قيامت 10 مُحرم جو قائم ٿيندي؟

جواب: جي ها! قيامت 10 محرم الحرام عاشوري جي ڏينهن قائم ٿيندي ۽ جمعي جو ڏينهن هوندو. (ابو داؤد، 1 /390، حديث: 1046) هونئن تہ ڪوڙ جمعا اهڙا گذريا آهن جنهن ۾ عاشورا هو، پر اڃان قيامت جون ڪوڙ نشانيون باقي آهن. بهرحال! قيامت ضرور ايندي، هن تي ايمان رکڻ لازمي آهي. (تفسير روح البيان ، پ 24 ، المؤمن ، تحت الآية: 59، 8/ 199 -200) (ملفوظاتِ امير اہلِ سنت، 402/3)

# آزادي جي نعمت

ڪفر جي غُلامي کان، ڪافِرن،
ظالمن جي غُلامي کان آزادي ملڻ الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي. اسان کي جيڪا آزادي جي نعمت حاصِل ٿي اها ***Poletical Freedom*** سياسي يا حڪومتي آزادي آهي، جيئن بني اسرائيل اِيمان وارا هئا، فِرعون جي زيرِ حڪومت زندگي گذاري رهيا هئا، اهڙي طرح مغليه سلطنت جي زوال کان بعد برّصغير تي ڪافِرن جي حڪومت آئي ۽ مسلمان ان ڪافِرن جي حڪومت جي اثر تحت اچي ويا، هاڻي مسلمانن کي ڪافِرن جي جوڙيل قانونن مطابق زِندگي گذارڻي پوندي هئي، ظاهر آهي ڪافِر جيڪو قانون ناهيندو اهو قرآن ۽ سُنّت جي مطابق ته نه هوندو ، ان ڪري مسلمانن کي قرآن مجيد تي، سُنتن تي، پنهنجي دِين جي تعليمات تي آزادي سان عمل ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون هيون، ڪافِر حڪومت جڏهن چاهيندي هئي، جنهن دِيني معاملي ۾ چاهيندي هئي رُڪاوٽ ڳڙي ڪندي هئي، اَصل جيڪا آزادي اسان کي حاصِل ٿي اها هيءَ هئي ته اسان کي پنهنجي دِين تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا رُڪاوٽ درپيش نه ٿئي، قانون به مسلمانن جو هجي، قانون ناهيندڙ به مسلمان هجن ۽ قانون تي عمل ڪرڻ وارا به مسلمان هجن. به قومي نظريو جيڪو پاڪستان جي اَصل بنياد آهي، ان جو مطلب به اهو ئي آهي ته مسلمان هڪ جدا قوم آهي، ڪافِر هڪ الڳ قوم آهي، تنهنڪري مسلمانن جو وَطن به جدا هئڻ گهرجي جتي هُو آزادي سان پنهنجي مذهب مطابق، پنهنجي تهذيب، ريت رسم، پنهنجي ثقافت مطابق يعني قرآن ۽ سُنّت جي تعليم مطابق زِندگي گذاري سگهن.

هڪ ڀيري قائِدِ اعظم محمد علي جناح لاهور ۾ تقرير ڪندي چيو:

***Our God is Separate. Our Rasool is Separate***

اسان جو خُدا الڳ، اسان جو رسول الڳ (يعني اسان هڪ خُدا کي مڃڻ وارا نبي پاڪ جا غلام آهيون)

***Our Religion is Separate. Our Culture is Separate***

اسان جو دِين جُدا، اسان جي ثقافت، زِندگي گذارڻ جو طور طريقو، ريت رسم جدا آهي.

*Therefore we want a separate state. in which we can live Islamic life.*[1]

ان ڪري اسان پنهنجو عليحده ملڪ چاهيون ٿا، جتي اسان پنهنجي دِين مطابق اسلامي زندگي گذاري سگهون.

اها آهي آزادي، هڪ مڪمل اسلامي زِندگي گذارڻ جي آزادي. هن آزادي جي لاءِ تقريباً 100 سال مسلمانن جِدّوجهد ڪئي، ان آزادي جي لاءِ ئي 1857 ۾ 22 هزار عالم سڳورا شهيد ٿيا، ۽ 1947 ۾ آزادي وقت تقريباً 30 لک مسلمانن جو رت وهايو ويو.

بين لفظن ۾ ايئن ڪٺي چئجي ته جيڪا آزادي اسان کي الله پاڪ عطا فرمائي، جنهن آزادي جي لاءِ پاڪستان کي نهٽو هو، اها اَصل ۾ **نبي اڪرم رؤف رحيم جي غلامي** جو نالو آهي. جڏهن بَرّ صغير ۾ مسلمانن تي ڪافِر حڪومت ڪري رهيا هئا، ان وقت اسان آزادي سان **نبي پاڪ جي غلامي** جو اِظهار ڪونه پئي ڪري سگهياسين، الله پاڪ اسان کي جدا آزاد ملڪ عطا فرمايو ته جيئن اسان پُوري آزادي سان **جنابِ رسالت جي غلامي** جو اِظهار ڪري سگهون، اسان آزادي سان جاتي چاهيون نمازون پڙهون، روزا رکون، آزادي سان حج تي وڃون، بنا روڪ ٽوڪ جي قرباني ڪيون، اِسلام جي بئي تعليمات تي عمل ڪيون. اسان آزادي سان قرآنِ ڪريم جي مُطابق، حديثِ رسول جي مطابق، پنهنجي بزرگن جي سيرت مان رهنمائي وٺندي ”غلاميءِ مصطفيٰ“ جو ڀرپُور اِ ظهار ڪري سگهون. **هن ئي آزادي جي لاءِ اسان وطن عزيز پاڪستان حاصِل ڪيو هو.**

## اقبال جي نظر ۾ آزادي جو مطلب

جڏهن ڊاڪٽر اقبال ٻه قومي نظريو پيش ڪيو، ان تي ڪافِرن ۽ ڪجھ نالي ماتر مسلمانن گهڻو ھُلّ هنگامو ڪيو، جنهن تي ٻنهي طرفان باقاعده تحريري ۽ تقريري بحث ٻه ٽيندو رهيو، ان وقت ڊاڪٽر اقبال هڪ رُباعي لکي[2] ان جي آخري شعر ۾ ڊاڪٽر اقبال چئي ٿو:

بمصطفےٰ برساں خویش را کہ دیں ہمہ اوست
اگر بہ او نہ رسیدی تمام بولہبی است[3]

**وضاحت**: يعني پاڻ کي چڪي پنهنجي آقا، محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن ۾ ڪيرائي ڇڏيو، اها ئي غُلامي اَصل دين آهي، جيڪڏهن اها غُلامي نه ڪري سگهو ته اها دِين داري ناهي، بلڪ ابُولهب ڪافِر جي پيروي آهي.

اها آهي آزادي، اصل آزادي جو مقصد ٻه اِهو هو ته اسان پاڻ کي چڪي مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن ۾ ڪيرائي، پنهنجي مرضي، پنهنجي خواهش، پنهنجي تمنا سڀ ڪجھ فنا ڪري سچي دل سان ”غلاميءِ مصطفيٰ“ اختيار ڪريون، اها آهي اَصل آزادي، انهيءَ آزادي جي بنياد تي پاڪستان ورتو ويو پر ڇا اسان اها غُلامي ڪري رهيا آهيون؟ افسوس! 75 سال گذري ويا، اسان اها غُلامي نه ڪري سگهياسين،

اُبتو اسان آزادي جي مفهوم ئي کي مٽائي ڇڏيو، اسان ڇڙواڳي کي آزادي سمجهي ورتو، اسان بيحيائي کي آزادي سمجهي ورتو، عرياني، فحاشي، فيشن پرستي جي نالي کي آزادي سمجهي ورتو. اسان بي ديني، بي راه روي کي آزادي سمجهي ورتو، اسان وٽ سڀ کان سخت افسوسناڪ حالت اها آهي ته آزادي جي نعمت جنهن جو اسان کي شڪر ڪرڻ گهرجي ها اسان ان آزادي جو نظريو ئي بدلي ڇڏيو آهي، اڄ سيڪولر اِزم (Secularism) کي، لبرل اِزم (Liberalism) کي آزادي چيو پيو وڃي، اڄ اسان جي تعليمي ادارن ۾ الحادي نظريو پڙهايو پيو وڃي جنهن سبب الحاد ڦهلجي رهيو آهي،

اها هرگز آزادي نه آهي، اها ته نفس ۽ شيطان جي غُلامي آهي. شيطان سڀ کان وڏو ڪافِر آهي، ڪافِرن جي حڪومت کان ته آزادي ملي وئي پر افسوس! اسان پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڏي ڪافِر يعني شيطان جي غُلامي ۾ ڦٿو ڪري ڇڏيو ۽ انهي غُلامي کي اسان آزادي جو نالو ڏئي ڇڏيو، ڇا اها آزادي آهي؟ نه نه اها آزادي نه بلڪ اَصل ۾ غُلامي آهي.

هيءَ ڳالهه هميشه جي لاءِ ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو، آزادي صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جي بندگي سان ۽ اِطاعتِ مصطفيٰ سان ملي ٿي. ان جي بغير دُنيا ۾ ڪٿي به آزادي نه ملندي، ڊاڪٽر اِقبال چئي ٿو:

دَرْ اِطَاعت کَوْش اَے غَفْلَت شِعَار
مِیْ شَوَد اَز جَبْر پَیْدا اِخْتِیَار [4]

اي غافِل! اطاعت ۾ خوب ڪوشش ڪر جو نفس کي قابُو ڪرڻ کان ئي آزادي ملندي آهي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هي آهي اها آزادي جنهن کي خُود مُصَوِّرِ پاڪستان ڊاڪٽر اقبال بيان ڪيو آهي. پنهنجي پاڻ کان پڇو! ڇا اسان کي اها آزادي حاصِل آهي؟ ڇا اسان واقعي صحيح معني ۾ **”غُلامِ رَسُول“** آهيون؟ ڇا اسان جو چهرو مصطفيٰ ڪريم جي غلامن جهڙو آهي؟ ڇا اسان جو لباس انهن جهڙو آهي؟ اسان جي زندگي گذارڻ جو انداز، اسان جو رهڻ سهڻ، اسان جي اُٿڻ ويهڻ جو انداز، اسان جي سمهڻ جاڳڻ جو انداز، اسان جي هلڻ ڦِرڻ جو انداز، اسان جي ڳالهائڻ جو انداز، اسان جي کائڻ پيئڻ جو انداز، اسان جي ڪمائڻ جو انداز، اسان جا اَخلاق، اسان جا اَوصاف ڇا اهي سڀ ڪجهه غُلامانِ مصطفيٰ جهڙا آهن؟ جيڪر نه ته پوءِ ڪڏهن ٿيندا؟ 75 سال ته آزادي حاصِل ڪندي گذري چڪا آهن، جيڪڏهن اڃا به اسان حقيقي طور آزاد نه ٿياسين، نَفس جي غُلامي کان، شيطان جي غُلامي کان، غيرن جي تهذيب تمدن ۽ ثقافت جي غلامي کان جيڪڏهن اڃا به آزاد نه ٿياسين ته ڪڏهن ٿينداسين؟

## جشنِ آزادي ڪيئن ملهايون؟

هاڻي ڪجهه ئي ڏينهن کان بعد يومِ آزادي اچڻ واري آهي، سيني کي خبر آهي ته جشنِ آزادي تي اسان جي ئي مُعَاشري ۾ ڇا ماحول هوندو آهي. ميوزڪ هلندو آهي، شور و غُل ٿيندو آهي، شراب پيتو ويندو آهي، ڇڙواڳ ڇوڪرا وَن ويلنگ (One Wheeling) ڪندا آهن، روڊن رستن تي هل هنگامو مچايو ويندو

آهي. ڇا 14 آگسٽ ان بيهودگين جو ڏينهن آهي؟ اوهان کي معلوم آهي 14 آگسٽ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ هي اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن مسلمانن آزادي حاصِل ڪرڻ جي لاءِ جانين جو نذرانو ڏنو هو، هڪ اندازي جي مطابق جڏهن پاڪستان بڻيو، ” ان وقت 30 لک مسلمان شهيد ٿيا هئا.“(5)

14 آگسٽ انهن شهيدن جي ورسي جو ڏينهن آهي، ورسِي جي ڏينهن ميوزڪ ناهي وڄائبو، قرآنِ ڪريم پڙهي، روزا رکي، فاتحه خواني ڪري پنهنجي شهيدن کي، مري ويلن کي ايصالِ ثواب ڪيو ويندو آهي. 14 آگسٽ تي عبادت ڪريو، شڪراڻي جا نفل پڙهو ۽ پاڪستان جي لاءِ شهيد ٿيندڙن کي ايصالِ ثواب ڪريو.

جشنِ آزادي ڪيئن ملهائڻ گهرجي، اچو هن باري ۾ هڪ حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا، اسان ٻُڌوسين ته بني اسرائيل کي فِرعَون کان آزادي ملي، جڏهن اها آزادي ملي ته الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام اهو ڏينهن ڪيئن ملهايو هو، حديثِ پاڪ ۾ آهي: مديني پاڪ جا يهودي 10 محرم جو روزو رکندا هئا، پڇڻ تي انهن ٻڌايو، هن ڏينهن بني اسرائيل کي فِرعَون کان نجات ملي هئي ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام ان شڪراڻي ۾ روزو رکيو هو، ان ڪري اسان 10 محرم تي روزو رکون ٿا.(6)

سُبْحٰنَ الله! اهو آهي جشنِ آزادي ملهائڻ جو اَصل طريقيڪار. الله پاڪ

اسان سڀني کي هدايت نصيب فرمائي، شيطان جي غُلامي کان، نفس جي غُلامي کان نجات عطا فرمائي.

اٰمِين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یاخُدا پاک وطن کی تُو حفاظت فرما
فضل کر اس پہ سدا سایۂ رحمت فرما

اس کو تُو قلعۂ اسلام بنا دے یارَبّ
مرے پیارے وَطنِ پاک پہ رحمت فرما

آج ہے امن وطن کا مرے پارہ پارہ
پھر مہیا مرے مولٰی! اسے راحت فرما

ہائے بدمست گناہوں میں ہوئے اہلِ وطن
یاخُدا سب کو عطا نیک ہدایت فرما

بچہ بچہ ہو نمازی مرے پاکستان کا
اور عطا جذبۂ پابندئ سُنت فرما

---

1. تحریکِ پاکستان میں علماءِ کرام کا کردار، صفحہ:192۔
2. تحریکِ پاکستان میں علماءِ کرام کا کردار، صفحہ:204خلاصۃً۔
3. کلیاتِ اقبال، ارمغانِ حجاز، حسین احمد، صفحہ:754۔
4. کلیاتِ اقبال فارسی، اسرارِ خودی، مرحلہ اول:درطاعت، صفحہ:57۔
5. تخلیقِ پاکستان میں علماءِ اہلسُنّت کا کردار، صفحہ:14۔
6. بخاری، کتاب:الصوم، باب:صیام یوم عاشوراء، صفحہ:524، حدیث:2004۔



# وطنِ عزيز جي هڪ اهم خدمت

مولانا ڪاشف سليم عطاري مدني*

اسان جو پيارو پاڪستان اسان جي شان ۽ شوڪت آهي. ان جي بقا، ترقي، امن ۽ خوشحالي ۽ هن وطن ۾ رهڻ وارن جي صحت ۽ تندرستي جي هر محبِ وطن پاڪستاني جي دلي تمنا هئڻ گهرجي. ڪيئي ڀيرا ايئن ٿيندو آهي ته اسان پنهنجي ملڪ جي لاءِ ڪجھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون پر ڪري نه سگهندا آهيون ان جا ڪيئي ڪارڻ آهن مثال طور اسان جيڪو ڪرڻ چاهيون ٿا ان جي لاءِ اسان وٽ وسائل ناهن هوندا، جيڪو اسان ڪرڻ چاهيون ٿا ان کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ وڏو عرصو درڪار آهي يا ٽيم ورڪ گهرجي وغيره. اڄو هن حوالي سان اسان توهان کي هڪ اهڙو ڪم ٻڌايون ٿا جيڪو وطن عزيز پاڪستان جي خدمت هئڻ سان گڏوگڏ نهايت ئي آسان، مفيد، مضبوط، سَستو ۽ سڀ کا وڏيڪ اهم ڳالهه هي ته اسان جي پياري دينِ اسلام جي روشن تعليم به آهي. جي ها! منهنجي مراد وڻڪاري ڪرڻ آهي. پيارا اسلامي ڀائرو! وڻڪاري هن وقت هڪ انٽرنيشنل ايشو بڻيل آهي، سڄي دنيا ۾ ان تي ڪانفرنسز ۽ سيمينار ٿي رهيا آهن، تشهيري مهم هلائي پئي وڃي ماڻهن کي ٻوٽا پوکڻ جي ترغيب ڏني پئي وڃي، جڏهن ته اسان جو دينِ اسلام جيڪو انسان ۽ انسانيت جي بقاء جو حقيقي ضامن ۽ دينِ فطرت آهي، اسان کي ته ڀريان ئي وڻڪاري ڪرڻ جي اهميت ٻڌائي چڪو آهي جيئن ته الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مَدَني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن ڪو وڻ پوکيو ۽ ان جي حفاظت ڪئي سارَ سنڀال تي صبر ڪيو ايستائين جو اهو ميوو ڏيڻ لڳو ته ان مان ڪاڏو ويندڙ هر ميوو الله پاڪ جي ويجهو ان جي لاءِ صدقو آهي.[1] ۽ فرمايائون: جيڪو مسلمان وڻ يا فصل پوکي پوءِ ان مان انسان، جانور، پکي يا ڪير به کائي ته ان جي طرفان صدقو شمار ٿيندو.[2] حضرت اَنس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان مروي حديثِ پاڪ ۾ اهي ست شيون جنهن جو ثواب انسان کي مرڻ کان بعد به ملندو رهندو آهي انهن مان هڪ وڻ پوکڻ به آهي.[3]

مشهور صحابي رسول حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: ته مان دمشق ۾ هڪ جڳهه تي ٻَني ڪاهي رهيو هيس، هڪ شخص منهنجي ويجهي کان گذريو ته ان مونکي چيو ته

* ذميدار شعبہ ڪتب اعليٰ حضرت المدينة العلميہ ڪراچي

اوهان صحابيِ رسول جهڙو منصب حاصل هئڻ جي باوجود هي ڪم ڪري رهيا آهيو! تہ مون ان کي چيو منهنجي باري ۾ راءِ قائم ڪرڻ ۾ جلدي نہ ڪر ڇوتہ مون رسولِ پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو آهي: ”جنهن فصل پوکيو تہ ان فصل مان ماڻهو يا مخلوق مان جيڪو بہ کائيندو اهو ان جي لاءِ صدقو شمار ٿيندو.“ [4]

منهنجا محبِّ وطن اسلامي ڀائرو! وڻڪاري ثواب ۽ صدقو هئڻ سان گڏوگڏ وطن جي خدمت جو ذريعو ڪيئن بڻجي ٿي هن حوالي سان طبّي ۽ انٽرنيشنل ريسرچز جو خلاصو پيش خدمت آهي:

وڻڪاريءَ سان گلوبل وارمنگ ۾ گهٽتائي ايندي آهي يعني اسان جي ماحول جو درجهء حرارت ۾ جيڪو خطرناڪ حد تائين اضافو ٿي رهيو آهي گهٽا وڻ پوکڻ سان ان پريشانيءَ کان بچي سگهجي ٿو.

وڻڪاري ڪرڻ سان فضائي آلودگيءَ ۾ گهٽتائي ايندي آهي ڇوتہ وڻ ۽ ٻوٽا فضا ۾ ڦهلجندڙ آلودگين ۽ نقصانڪار گيسن کي پنهنجي اندر جذب ڪري وٺندا آهن.

وڻڪاري جانورن جي بقاء جو ذريعو آهي ڇوتہ جهنگلي جانورن جي غذا جو اهم جز وڻن جا پنَ آهن ۽ انهن جانورن جو کائڻ اسان جي لاءِ صدقي جو ثواب ٿيندو.

وڻڪاري ڪرڻ سيلاب (ٻوڏ) کان بچاءُ جو ذريعو آهي ڇوتہ وڻن جون پاڙون نہ صرف پاڻ اضافي پاڻيءَ کي جذب ڪن ٿيون بلڪ مٽيءَ کي بہ پاڻي جذب ڪرڻ ۾ مدد ڏينديون آهن جنهن جي ڪري پاڻي گڏ ٿي ڪري سيلاب جي شڪل اختيار ناهي ڪندو.

وڻڪاري سان لينڊ سلائيڊنگ کان بچاءُ ۾ مدد ملندي آهي ڇوتہ وڻن جون پاڙون زمين جي مٽيءَ کي روڪي رکنديون آهن جنهن جي ڪري زمين جي کٽجڻ يا سلائيڊنگ کان حفاظت رهندي آهي.

وڻڪاريءَ سان ڏڪار دور ٿيندو آهي ڇوتہ وڻ پنهنجين پاڙن ۾ جذب ڪيل پاڻي کي هوا ۾ خارج ڪري ڪڪرن جي تشڪيل ۽ مينهن جو ذريعو بڻجندا آهن.

وڻڪاري سان ٻارڻ جي فراهمي آسان ٿيندي آهي.

وڻڪاريءَ سان بجليءَ جي بچت ٿيندي آهي ڇوتہ وڻن جي ڪثرت سان ماحول ٿڌو ۽ خوشگوار ٿيندو نتيجي ۾ اهي آلات (اوزارَ) جيڪي گرمين ۾ استعمال ٿيندا آهن ان جو استعمال گهٽ کان گهٽ ٿيندو ايئن وڻڪاري ڪرڻ سان قومي مسئلو انرجي ڪرائسز کان بہ بچڻ ۾ مدد ٿيندي.

وڻڪاري ڪرڻ سان صَنعَتُن (ڪاريگريءَ) جي حوصلا افزائي ٿيندي آهي ڇوتہ وڻ ڪيئي طرح جون صنعتن جي رامٽريل (Raw Material) يعني بنا تيار ٿيل شيون فراهم ڪندا آهن، فرنيچر، ڪرسيون، ڪاغذ ۽ ڪنسٽريڪشن جون صنعتون هن ۾ نمايا آهن.

وڻڪاري غذائي ضروريات جي حصول جو هڪ اهم ذريعو آهي ڇو تہ اسان جيڪو ميوو وغيره کائون ٿا اهو اڪثر انهن وڻن جي ڪري ئي آهي.

وڻڪاري زمين جي زرخيزي ۾ اضافي جو سبب بہ آهي وڻ مٽيءَ ۽ زمين کي پاڻي

فراهم ڪندا رهندا آهن جنهن سان ان جي زرخيزي ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ اها غير آباد ناهي ٿيندي.

وڻڪاري آڪسيجن جي فراهمي جو ذريعو آهي ڇوتہ وڻ آڪسيجن خارج ڪندا آهن ۽ آڪسيجن جي انساني زندگيءَ ۾ ضرورت کان هر شخص آگاهہ آهي.

وڻڪاري خوشگوار ماحول جي ضامن آهي ڇوتہ وڻ ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ کي جذب ڪري ماحول کي خوشگوار بنائڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

وڻڪاري دوائن جي حصول جو ذريعو آهي ڇوتہ مختلف دوائن ٺاهڻ ۾ وڻن جون پاڙون ۽ پنَ وغيره استعمال ٿيندا آهن، تحقيق جي مطابق ٻوٽن ۽ جڙي ٻوٽين تي مشتمل دوائن جي ڪاروبار جو وڪرو سڄي دنيا ۾ تقريباً 83 ارب ڊالر آهي.

وڻڪاري ذهني پريشاني ۽ ڊپريشن ۾ گهٽتائي جو ذريعو آهي ڇو تہ وڻن کي ڏسڻ ۽ انهن جي درميان رهڻ سان ماڻهن کي ذهني ۽ جسماني طور تي خوشگوار تازگيءَ جو احساس ٿيندو آهي جيڪو نہ صرف ذهني طور بلڪ ڪيئي جسماني بيمارين کان محفوظ رکندي انهن کي صحت مند بڻائيندي آهي ۽ ان سان ماڻهن جي تخليقي ڪارڪردگي ۾ بہ اضافو ٿيندو آهي.

وڻڪاري سان صوتي آلودگي (Noise pollution) ۾ بہ گهٽتائي ايندي آهي، ماهرين جي مطابق اربن پلاننگ ۾ هن اصول کي مدِّ نظر رکندي تعليمي ادارن جي آس پاس ۽ وڏيڪ شور شرابي وارين جڳهن جيئن فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جي ويجهو وڌ کان وڌ وڻ لڳائڻ سان ماحول کي پُر سڪون بڻائي سگهجي ٿو. اَلْحَمْدُلِلّٰہ منهنجي ۽ توهان جي پياري عالمي تحريڪ دعوتِ اسلامي بہ وڻڪاري جي حوالي سان پنهنجون خدمتون انجام ڏئي رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي شعبي فيضان گلوبل ريليف فاؤنڊيشن (FGRF) ”ٻوٽو لڳائڻو آهي، وڻ بڻائڻو آهي“ جي مقصد سان وڻڪاري مهم جو آغاز ڪري رکيو آهي. FGRF جي تحت هن وقت تائين ملڪ ۽ ٻيرون ملڪ ۾ هزارين مقامات تي لکين ٻوٽا لڳائجي چڪا آهن.

توهان بہ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ فرامين جي روشنيءَ ۾ صدقۂ جاريہ جو ثواب ماڻڻ ۽ پنهنجي وطنِ عزيز جي ماحول کي خوشگوار بڻائڻ جي لاءِ وڻڪاري ڪريو.

---

1 مسند احمد، 5/574، رقم: 16586
2 مسلم، ص646، حديث: 3973
3 مجمع الزوائد، 1/ 408، حديث: 769
4 مسند احمد، 10/ 421، حديث: 27576







# وقت جي درست استعمال جي لاءِ ڪجھ مشوره

مولانا محمد آصف اقبال عطّاری مَدَنی*

جيڪڏهن اوهان پنهنجي ضايع ٿيل وقت تي شرمسار آهيو ۽ هاڻي چاهيو ٿا ته ڪنهن طرح ضايع ٿيل وقت جو ازالو ٿي وڃي ته پنهنجي وقت جي هاڻي کان قدر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو، ڪجھ ماڻهو وقت جو ازالو ڪرڻ ته چاهيندا آهن پر پنهنجي موجوده حالت ۽ ڪيفيت (Circumstances) جي سبب اهو سمجهندا آهن ته جيڪو ڪم اسان تي لازم آهي اهو ته هاڻي ٿئي نٿو سگھي، اهڙا ماڻهو عام طور اهو ورجائيندي ٻڌا وڃن ٿا ته ”يار حالات بهتر ٿين ته مان اهو ڪم ضرور ڪندس“ اهڙن کي گهرجي ته ذميدارين کان جان ڇڏائڻ ۽ حالات کي قصوروار قرار ڏيڻ بدران وڌيڪ قيمتي لمحن کي ضايع ڪرڻ بدران هيٺ ڏنل هدايتن ۽ مشورن تي عمل ڪرڻ شروع ڪن.

(1) سڀ کان پهريان وقت ضايع ڪرڻ وارن ڪمن، پوءِ ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ وارن ڪمن ۽ پوءِ اهڙي ڪمن جي فهرست ناهيو جيڪي اوهان بين کان ڪرائي سگهو ٿا. هڪ بزرگ فرمائن ٿا: ”ڪرڻ وارا ڪم ڪريو نه ته نه ڪرڻ وارن ڪمن ۾ لڳي ويندؤ“

(2) اڳيوري ڪمن جو جائزو وٺو ۽ گهڻي غوروفڪر ڪرڻ کان بعد ڪجھ کي وڌيڪ اهميت ڏيندي پورو ڪيو، هر ڪم کي مڪمل ڪرڻ جي عادت بڻايو ۽ ممڪن هجڻ جي صورت ۾ ڪجھ ڪم ٻين کي ڪرڻ جي لاءِ چئو.

(3) زندگي جي مقصدن کي سامهون رکي پلاننگ ڪيو. روزانو، هفته وار، ماهوار ۽ سالانه جي الڳ الڳ فهرست ناهيو ۽ انهيءَ لحاظ سان ڪمن کي تقسيم ڪيو ۽ وقت کي ترتيب ڏيو. وقت به وقت هن فهرست جو جائزو وٺندا رهو ۽ ضرورت وقت ڪمي پيشي به ڪندا رهو.

(4) ڪجھ ماڻهو آفيس ۾ رڳو وقت تي اچ وڃ کي ئي ڪافي سمجهندا آهن، پنهنجي ڪارڪردگي تي ڪا خاص توجھ ناهن ڏيندا جڏهن ته ڪارڪردگي جي لحاظ کان پنهنجي صلاحيت وڌائڻ ۾ پنهنجي ۽ اداري جي نيڪ نامي ۽ ترقي سمايل آهي. هي اصول ذهن ۾ ويهاريو ته ادارو ترقي ڪندو ته لازمي طور اسان جي ملازمت/پوزيشن به مضبوط ٿيندي. تنهنڪري حاضري ۽ ڪارڪردگي ۾ فرق کي سامهون رکو ۽ ٻنهي ۾ بهتري آڻيو.

(5) ڪارڪردگي سٺي هئڻ سان گڏو گڏ آفيس ۾ آمد و رفت به وقت تي هجي ته اهو سون تي سهاڳي مثل آهي. ڪجھ ماڻهو ڪارڪردگي ته نهايت سٺي ڏيکاريندا آهن پر آفيس ۾ مسلسل دير سان پهچندا آهن. ياد رهي ته اهڙي ڪوتاهي جا شڪار افراد

* فارغ التحصيل جامعة المدينه، شعبو تراجم، المدينة العلميه ڪراچي

جيڪڏهن پنهنجي عادت تبديل نہ ڪن تہ ڪڏهن ڪڏهن ادارا اهڙن جي خدمتن کان محروم ٿي ويندا آهن.

(6) گهٽ وقت ۾ وڌيڪ ۽ اثرائتو ڪم بهتر طريقي سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. شروع ۾ هن لاءِ ڪجهہ تڪليف ڪٽڻي پوندي پر جڏهن گهٽ وقت ۾ اوهان جا ڪم بهتر طريقي سان مڪمل ٿيڻ شروع ٿي ويندا تہ هاڻي اهو معاملو اوهان تي آسان ٿي ويندو. آزمائش شرط آهي.

(7) پنهنجي بهترين وقت يعني پرائم ٽائم (Prime time) ۾ نهايت اهم ڪمن ڪي ڪيو. عام طور اهو صبح جو وقت هوندو آهي ۽ ان جي لاءِ تہ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دعا بہ فرمائي آهي: اي الله! منهنجي امت جي لاءِ صبح جي اوقات ۾ برڪت عطا فرماءِ. (ترمذی، 3/6،حدیث: 1216) (مطلب اهو آهي تہ اي الله پاڪ!) منهنجي امت جي تمام انهن ديني ۽ دنياوي ڪمن ۾ برڪت ڏي جيڪي اهي صبح جلدي اٿي ڪندا ڪن. جيئن سفر، طلبِ علم، تجارت وغيره. (مرآۃ المناجیح،5/491)

(8) آفيس/دڪان/ڪاليج/يونيورسٽي/ اڪيڊمي ۽ بين ڪمن جي لاءِ وقت جي پابندي ڪرنگهي جي هڏيءَ جي حيثيت رکي ٿي. ظاهر آهي جڏهن ڪرنگهي جي هڏي ڪمزور هوندي يا ان جو ڪو مهرو(مڻڪو) پنهنجي جاءِ ڇڏي ڏيندو تہ ان جو اثر پوري جسم تي پوندو.

(9) ڪم ڪي پنهنجي صلاحيت ۽ مهارت جي مطابق انجام ڏيڻ جي ڪوشش ڪيو پر ان ڪي مڪمل ڪرڻ ۾ نہ لڳا رهو. عربي ۾ چوڻي آهي: اَلسَّعْیُ مِنِّیْ وَلَاْ تُمَامُ مِنَ اللّٰہِ يعني ڪوشش ڪرڻ منهنجو ڪم آهي ۽ پورو ڪرڻ الله تعالٰي جو ڪم آهي.

(10) پنهنجو محاسبو (Computation) ڪيو جو تہ پنهنجي ماضي کان سبق سکڻ وارا حال ۽ مستقبل کي بهتر کان بهترين ڪري وٺندا آهن ۽ جيڪي پنهنجو جائزو ناهن وٺندا اهي پنهنجي عادت تي قائم رهندا آهن. شايد اهڙن ئي ماڻهن کي شاعر سمجهايو آهي:

زمانہ حسب سابق درس تو دیتا ہے عبرت کا
مگر ہر بار ہم حسب روایت بھول جاتے ہیں

(11) اها ڳالهہ بلڪل درست آهي تہ ”تدبير جي ننهن سان تقدير جون ڳنڍيون ناهن کلنديون“ پر اوهان تدبير اختيار ڪيو ۽ تقدير کي الله تعالٰي تي ڇڏي ڏيو جيڪو تقدير ۽ تدبير بنهي جو خالق ۽ مالڪ آهي ۽ اهو ئي زمين ۽ آسمان جي تدبير فرمائڻ وارو آهي. پاڻ کي اهڙن ڪمن کان آزاد ڪيو جن جو توهان کي علم ناهي جيئن اهو ڪم سياڻي ٿيندو يا نہ؟ ۽ اهو ڪيئن ٿيندو؟ ائين ئي”شايد“ ۽”اگر“ وغيره کان بچو جو هن سان وقت ضايع ٿيڻ ۽ دل جي پريشاني کان سواءِ ڪجهہ حاصل ناهي ٿيندو. ممڪن آهي سياڻي اهڙا حالات سامهون اچي وڃن جن جو اوهان کي وهم و گمان بہ نہ هو ۽ جيڪو پلان اوهان ٺاهي رهيا هيؤ ۽ جن معاملن ۾ غور و فڪر ڪري رهيا هيؤ انهن مان ڪو بہ نہ ٿي سگهي ۽ سوچ ۽ ويچار ۾ بي فائده وقت ضايع ٿي وڃي. تنهنڪري مستقبل جي هنن معاملن کي الله پاڪ جي حوالي ڪيو.



اسلام ۾ عورت

# مون دين لاءِ ڇا ڪيو

اُمّ ميلاد عطاريہ

بيشڪ هي الله پاڪ جو احسان آهي جو اسان مسلمان گهراڻي ۾ پيدا ٿيون سين، ۽ هي دين اسان کي آساني سان ملي ويو پر جيڪڏهن اسان تاريخ جو مطالعو ڪيون تہ پتو پوندو تہ دينِ اسلام جي خاطر ڪيئي جانين جو نذرانو پيش ڪيو ويو، جسماني تڪليفون ۽ سختيون برداشت ڪيون ويون، مال جي قرباني سان گڏوگڏ خاندان ايتري تائين جو اولاد جون قربانيون بہ ڏنيون ويون ۽ دينِ حق جو ڳاٽ اوچو ڪرڻ جي لاءِ مردن جون قربانيون تہ پنهنجي جاءِ تي پر هن حوالي سان صحابياڻين ۽ نيڪ ۽ بزرگ عورتن جي قربانين جي فهرست بہ نهايت طويل آهي. جهڙوڪ ڪلمو پڙهڻ جي سبب رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابيہ بيبي سُمَيّہ کي نيزو هڻي شهيد ڪيو ويو، رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري شهزادي بيبي زينب کي ڏاچيءَ تان ڪيرايو ويو ۽ ڪين ڪجهہ ڏينهن کان بعد وفات ڪري ويون، بي بي خُنَساء قادسيہ واري ميدان ۾ پنهنجا چار پٽ خدا جي راهہ ۾ ڏئي ڇڏيا ۽ چئن شهيدن جي ماءُ هئڻ تي خدا پاڪ جو شڪر ادا ڪيائين، بيبي اُمِّ عماره نہ رڳو احد جي ميدان ۾ تيرهن زخم کاڌا بلڪ جنگ يمامہ ۾ سندن هڪ هٿ ڪٽجي ويو ۽ جسم تي تير ۽ تلوار جا ٻارهن زخم برداشت ڪيائون، احد جنگ ۾ هڪ بيبي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خيريت معلوم ڪرڻ خاطر پنهنجي پيءُ، ڀاءُ ۽ مڙس جي شهادت جي پرواهہ بہ نہ ڪئي، اهڙي ريت حضرت حمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي هڪ ئي وقت ۾ ماسڙ، ڀاءُ ۽ مڙس جي شهادت جي خبر ڏني وئي پر پاڻ صابره ثابت ٿيون، حضرت صفيہ پنهنجي ڀاءُ حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْه جي دردناڪ شهادت تي فرمايائون: هي خدا جي واٽ ۾ ٿيو آهي تہ مان هن تي راضي آهيان، حضرت اسماء بنت ابوبڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا پنهنجي جواني ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هجرت جي راز کي راز رکڻ جي خاطر ابو جهل جي چماٽ برداشت ڪئي ۽ پوڙهائپ ۾ پٽ کي دين جي خاطر ڏنيون ويندڙ تڪليفن جو صدمو برداشت ڪيو ۽ پٽ جي شهادت تي صابره ۽ شاڪره هئڻ جو ثبوت ڏنو.

* نگران عالمي مجلس مشاورت (دعوتِ اسلامي) اسلامي ڀيڻ

## عورتون دين جي خدمت ڪيئن ڪن؟

انهن اسلام جي بزرگ عورتن جون اهي قربانيون يقيناً اڄ جي اسلامي ڀينرن، مائرن ۽ ڌيئرن کي عملي راهه تي اچڻ ۽ دين جي خاطر ڪجهه ڪرڻ جو درس ڏئي رهيون آهن، اڄ اسان کان جان جي قرباني نه پئي ورتي وڃي پر گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته ڪرڻ گهرجي جو هن وقت خدمتِ دين جي سڀ کان وڏي ۽ مخلص تحريڪ دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيون ۽ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پنهنجي وقت، مال ۽ ڪوشش ذريعي نيڪي جي دعوت ڦهلائڻ، برائي جي سيلاب کي روڪڻ ۾ ڪوشش ڪيون. عورتن کي گهرجي ته سڀ کان پهريان دين جي خدمت ڪرڻ جي لاءِ دل ۾ اخلاص پيدا ڪن، الله پاڪ کان دين جي سچي خدمت جي دعا گهرن، سچي دل سان پاڻ به ان ڪم لاءِ تيار ٿي وڃو ۽ پنهنجي مڙس، اولاد ۽ ڀين محرمن کي به تيار ڪيو، هن راهه ۾ ثابت قدم رهڻ جي لاءِ بزرگ عورتن جي سيرت کي ياد رکو، بهتر طريقي سان دين جي خدمت ڪرڻ جي لاءِ خدمتِ دين جا آداب به سکو، چو ته ڪيئي عورتون دين کان اڻ واقفي جي سبب سڌاري بدران بگاڙ پيدا ڪري ڇڏينديون آهن ۽ ائين جنهن کي دين جي قريب ڪرڻو هو اها ڪاوڙجي دين کان پري هلي ويندي آهي تنهنڪري ناقص مشورو اِهو آهي ته دعوت اسلامي تحت ٿيڻ وارا ڪورسَ ڪيو ان کان علاوه ڀين کي رڳو زباني ئي نه بلڪ ڪردار سان به اهڙي طرح دين جي ترغيب ڏيو جو فرائض و واجبات کان علاوه سنتن ۽ مستحبن جي به خوب پابندي ڪيو. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# ٻارن جو موبائل ۾ سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻ......

آصف جهانزيب*

اسان جنهن دور ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون ان ۾ اولاد جي تربيت جي حوالي سان ڪيئي مسئلا درپيش آهن جن مان هڪ وڏو مسئلو ٻارن جو موبائل ۾ سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻ آهي، جو تہ اڄڪلھ جا والدين نهايت مصروف ٿي چڪا آهن، اولاد جي تربيت جي لاءِ وقت ڏيڻ هڪ مشڪل ڪم ٿي ويو آهي، هاڻي تہ والدين ٻارن جي حرڪتن، شرارتن کان بچڻ جي لاءِ هڪ آسان حل ڳولي ورتو آهي تہ اسمارٽ فون ٻار جي حوالي ڪيو وڃي، جو تہ جيستائين اها موبائل ٻار جي هٿ ۾ رهندي تيستائين ٻار جي حرڪتن کان گهر وارا محفوظ رهندا، گهر ۾ بہ سڪون رهندو ۽ والدين بہ پنهنجو ڪم آساني سان ڪري سگهندا.

اهو ئي سبب آهي جو اسان جا ٻار موبائل جا عادي ٿي چڪا آهن. ٻارن کي بہ هنن شين ۾ گهڻي دلچسپي هوندي آهي، پر سوشل ميڊيا جي ڪري هنن ننڍن ذهنن تي ڪهڙا اثر پون ٿا اسان ان جو اندازو ئي ناهيون ڪندا، اچو! سوشل اسڪرين ڏسڻ ۽ ميڊيا جي استعمال سان ٻارن تي ڪهڙا نقصان پئجي رهيا آهن انهن جو هڪ جائزو ملاحظ ڪيو:

(1) هڪ ريسرچ مطابق صرف 4 مهينن جو ٻار بہ اسڪرين جو عادي بڻجي چڪو آهي ۽ والدين جي لاپرواهي جي سبب هڪ ٻار ٺيڪ ساڍا 4 ڪلاڪ اسڪرين ڏسي ٿو.

(2) اسان جا ٻار اڄڪلھ ڪارٽونن ۽ فلمن جا عادي ٿي رهيا آهن جنهن ڪري ٻارن جا رول ماڊل ۽ پسنديده شخصيتون بہ ڪارٽون آهن ۽ غير محسوس طريقي سان اسان جا ٻار غصي وارا، لڙاڪو ۽ ضدي بہ ٿي رهيا آهن.

(3) ٻارن کي ٽچ اسڪرين جو استعمال تہ تمام بهترين طريقي سان اچي رهيو هوندو آهي پر جسماني سرگرمين ۾ ٻارَ ڪمزور آهن. مثال طور ٻار کي اسمارٽ فون جو

* شعبہ ٻارن جي دنيا(چلڊرن لٽريچر) المدينة العلميه، ڪراچي

استعمال ته سني نموني اچي ٿو پر پنهنجو جوتو درست طريقي سان پائڻ نٿو اچي.

(4) هڪ سائيڊ ايفيڪٽ هي به آهي ته اسان جي ٻارن ۾ توجه جي گهٽتائي ٿيندي پئي وڃي يعني ٻارَ توجه سان ڪو ڪم نٿا ڪري سگهن، ٻار اسڪرين تي نينگ ٽپ، موج مستي، رڙيون ڏسندو آهي ته اهو ئي عمل زندگي ۾ اپنائيندو آهي.

(5) ٻارن جي لاءِ سوشل ميڊيا جي استعمال جو هڪ وڏو نقصان اهو آهي ته ٻارن ۾ گناهه ۽ حرام ۾ فرق ڪرڻ ختم ٿيندو پيو وڃي، ۽ دين کان دوري ٻارن جي ذهنيت کي تباهه ڪري رهي آهي.

محترم والدين! ٻارن جي تربيت هڪ مشڪل ۽ اهم ڪم آهي جنهن جي لاءِ گهڻي کان گهڻي احتياط جي ضرورت آهي، ٻارن کي موبائل جي استعمال جي حوالي سان چند گذارشون آهن هنن تي عمل ڪيو وڃي ته موبائل ۽ سوشل ميڊيا جي نقصانن کان ڪجهه نه ڪجهه بچي سگهجي ٿو.

(1) ٻارن کي جيڪڏهن موبائل کان پري رکڻ ممڪن ناهي ته گهٽ ۾ گهٽ انهن کي موبائل ۾ ڇا ڏسڻ گهرجي هن شيءِ تي اسان ڪنٽرول ڪري سگهون ٿا، تنهنڪري ٻارن کي صرف اهي ئي شيون ڏسڻ لاءِ ڏيو جيڪي انهن جي شخصيت کي سنوارين.

(2) ٻارن جي لاءِ موبائل جي استعمال جو ٽائم مقرر ڪيو ۽ ان تي سختي سان عمل ڪرايو.

(3) ٻارن کي جسماني سرگرمين جو ٽائم ۽ جڳهه فراهم ڪيو ته جيئن انهن جي توجهه اسڪرين ڏانهن گهٽ ٿي سگهي.

(4) ٻارن کي جيڪڏهن اسڪرين جي ذريعي اخلاقي تربيت ڏيڻي آهي ته ان جي لاءِ مدني چينل ۽ ان تي نشر ٿيڻ وارا ڪارٽون نهايت فائديمند آهن، جن ۾ ٻارن جي اخلاقي تربيت به آهي ۽ ٻار جو اسڪرين ٽائم جو شوق به پورو ٿي وڃي ٿو.

(5) سڀ کان اهم ڳالهه اوهان پاڻ انهن جي لاءِ وقت ڪڍو، جو ته جيڪو وقت اوهان ڏيندؤ ان جو نعم البدل ڪا ٻئي شيءِ نٿي ٿي سگهي.






# ٽائيفائيڊ / مُدي جو بخار

ڊاڪٽر اُمِ سارب عطّاريہ*

ٽائيفائيڊ جي بيماري سالمونيلا ٽائيفي (Salmonella Typhi) نالي هڪ خاص جراثيم جي ڪري پيدا ٿيندي آهي، هي بيماري انهن ملڪن ۾ عام آهي جيڪي ترقي پذير ملڪ سڏجن ٿا پر انهن ۾ صحت ۽ صفائي جو نظام نهايت ئي خراب آهي.

## علامتون(Signs):

ٽائيفائيڊ جون علامتون: (1) معمولي درجي جو بخار (2) مٿي ۾ ۽ سڄي بدن ۾ سور (3) ڪمزوري ۽ ٿڪاوٽ (4) دست/قبض (5) اُلٽي (6) پيٽ ۽ سيني (Chest) تي عارضي گلابي داغ.

هي علامتون انفيڪشن ٿيڻ کان ست کان چوڏهن ڏينهن جي وچ ۾ ظاهر ٿيڻ شروع ٿي وينديون آهن. ٻارن جي لاءِ هي انفيڪشن وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي لهٰذا جيڪڏهن ٻار ۾ مُدي جي بخار جون علامتون ظاهر ٿيڻ لڳن ته فوراً ڊاڪٽر کان رجوع ڪيو.

## اسباب(Causes):

ٽائيفائيڊ هڪ جيوڙي مان پکڙجندو آهي. خاص طور تي اهڙي مريض مان ڦهلجندو آهي جيڪو استنجا خاني مان ٻاهر اچي ڪري هٿ ناهي ڌوئيندو ۽ ٻين کي کاڌو ڏيندو آهي ان کان علاوه سبزين ۽ فروٽ جو بنا ڌوئڻ جي استعمال به جسم ۾ هي انفيڪشن ڦهلائڻ جو سبب بڻبو آهي. عام طور تي جن ٻارن ۾ مدافعتي نظام (Immunity system) ڪمزور آهي اهي جلدي هن بيماريءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن.

## مونجهارو(Complications):

جيڪڏهن وقت تي علاج نه ڪيو وڃي ته جيڪي وڌيڪ مونجهارا پيدا ٿي سگهن ٿا سي هي آهن: (1) تمام گهٽي ڪمزوري (2) تمام گهڻا دست (Diarrhea) (3) تيز بخار (4) بي چيني (Anxiety) بي حسيءَ (Numbness) جو طاري ٿيڻ.

جيڪڏهن اوهان ٻار کي اهڙي علائقي يا ملڪ وٺي وڃي رهيا آهيو جاتي ٽائيفائيڊ بخار ڦهليل آهي ته ان بيماري جي حملي کان هوشيار رهڻ ۽ بچڻ جو انتظام ڪرڻ ضروري آهي.

* سنڌ گورنمنٽ هاسٽيل، ڪراچي

## بيماري جي پرک (Diagnosis):

عام طور هن بيماريءَ جي سڃاڻپ جي لاءِ ڊاڪٽر علامتون پڇا ڪري ٻار جو معائنو (Check up) ڪندو آهي ۽ ٻار جي رت ۽ پاخاني جي ٽيسٽ ڪرائيندو آهي پوءِ ٻار جي حالت جي مطابق ان کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويندو آهي يا پوءِ گهر ۾ رهندي وات کان کائڻ وارين جيوڙا مار دوائن (Oral Antibiotics) سان ئي علاج شروع ڪيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ٽائيفائيڊ سخت هجي ته نَبض (نَس) جي ذريعي اينٽي بائيوٽڪ (Intravenous Antibiotics) به ڏئي سگهجن ٿيون.

## علاج (Treatment):

جيوڙن جو خاتمو ڪرڻ واري دواء جي بروقت استعمال سان 48 ڪلاڪن ۾ ٻار جي طبيعت بهتر ٿيڻ لڳندي آهي ۽ سُورَ جو خاتمو ۽ بيماريءَ مان ڇاقائي ملي ويندي آهي پر ٻن ڳالهين جو خيال لازمي رکڻ گهرجي هڪ هي ته اينٽي بائيوٽڪ جو ڪورس مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن ڏکيائي کان بچي سگهجي ۽ ٻيو هي ته بخار گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪا به دوا ڊاڪٽر جي هدايت جي بغير استعمال نه ڪيو ۽ جسم ۾ پاڻيءَ جي گهٽتائي کي پورو ڪرڻ جي لاءِ سادو پاڻي ۽ مختلف شربتَ پياريو.

## پرهيز (رَڪ) (Prevention):

ٽائيفائيڊ کان ٻارن کي محفوظ رکڻ جي لاءِ پرهيز طور انهن کي اُبريل پاڻي پياريو، پنهنجا هٿ صاف رکو، ٻارن کي به سيکاريو ته هر ڀيري ڪاڌو کائڻ کان پهريان صابڻ سان هٿ ڌوئن ان کان علاوه غسل خاني/ استنجا خاني مان فارغ ٿيڻ کان بعد به هٿ ڌوئن، فروٽ ۽ سبزين کي چڱي طرح صاف پاڻيءَ ۾ ڌوئي ڪري استعمال ڪريو ۽ اهڙا فروٽ ۽ سبزيون گهٽيون استعمال ڪريو جيڪي چلي ڪري کاڌيون ۽ پچايون وينديون آهن جيئن ڪيلو، مٽر ۽ ڪدو وغيره. هوٽل جي کاڌن کان پرهيز ڪريو، ضرورت پوڻ جي صورت ۾ هميشه نئين سرنج استعمال ڪريو.

## حفاظتي ٽيڪا (Vaccination):

ٻن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن جي لاءِ ويڪسين دستياب آهي، هي مدافعتي نظام کي وڌائيندي آهي ۽ انفيڪشن کان بچائيندي آهي.

## بخار جو روحاني علاج

جنهن کي بخار هجي ست ڀيرا هيءَ دعا پڙهي: بِسۡمِ اللهِ الۡکَبِیۡرِ اَعُوۡذُ بِاللهِ الۡعَظِیۡمِ مِنۡ شَرِّ عِرۡقٍ نَّعَّارٍ وَّمِنۡ شَرِّ حَرِّ النَّارِ۔

(مستدرک حاکم، 592/5، حدیث:8324)

جيڪڏهن بيمار پاڻ نه پڙهي سگهي ته ڪو ٻيو نمازي ماڻهو ست ڀيرا پڙهي ڪري دم ڪري يا پاڻي تي دم ڪري پياري ان شاء اللّٰہ الكريم بخار لهي ويندو. هڪ ڀيري ۾ بخار نه لهي ته بار بار هي عمل ڪريو. (کام کے اوراد،ص5)

* سنڌ گورنمنٽ هاسٽيل، ڪراچي

# پنهنجا مسئلا ڪنهن سان ڊسڪس ڪريون؟

مولانا محمد عمران عطاري

چون ٿا ته هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪجهه پريشانيون اچي ورائي ورتو پر هُو پنهنجون پريشانيون گهر ۾ ڪنهن کي به ڪونه ٻڌائيندو هو، ان جو ڪارڻ ڪين اهو ٻڌايو ته ”مونکي خبر آهي ته منهنجي هنن پريشانين جو حل منهنجي گهر وارن وٽ ناهي، هن وقت ته صرف مان پريشان آهيان، جيڪڏهن مان پنهنجون هي پريشانيون پنهنجي گهر وارن کي ٻڌائيندس ته مون سميت اهي به پريشان ٿي ويندا پوءِ منهنجون پريشانيون گُهٽڻ بجائي ويتر وڌي وينديون“

اي رسولِ پاڪ جا عاشقو! يقيناً پريشانيون ۽ مسئلا انسان جي زندگيءَ جو حصو آهن زندگيءَ کي آسان بڻائڻ جي لاءِ انهن کي وقت تي حل ڪرڻ به ضروري آهي، ان جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن سان گفتگو به ڪرڻي پئجي سگهي ٿي پر ماڻهو پنهنجو مسئلو ان کي ئي ٻڌائي جنهن وٽان اهو مسئلو يا پريشاني حل ٿي سگهندي هجي، هر ڪنهن جي سامهون پنهنجي پريشانين جو داستان بيان ڪرڻ پنهنجي ئي عزت ۽ حيثيت کي نقصان پهچائڻ آهي. ۽ هي ڳالهه به پنهنجي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو ته ”عام طور تي مسائل پنهنجي وقت تي ئي حل ٿيندا آهن“ مثال طور ڪڏهن ڪڏهن دروازي ۾ آڱر اچي ويندي آهي ۽ رت ڄمڻ جي ڪري ننهن تي ڪارو نشان ٿي ويندو آهي، ان نشان کي ختم ڪرڻ جي لاءِ توهان چاهي ڪيتري به دوا استعمال ڪيو پر هي نشان ختم ناهي ٿيندو بلڪ ان کي ختم ڪرڻ جي لاءِ توهان کي ڪجهه ڏينهن انتظار ڪرڻو پوندو آهي، آهسته آهسته پهريان سُور ختم ٿيندو آهي پوءِ هڪ وقت ايندو آهي جو اهو نشان به خود بخود متجي ويندو آهي اهڙيءَ طرح تمام مسئلا نه سهي البت ڪيئي مسئلا اهڙا هوندا آهن جنهن جو علاج ”وقت“ هوندو آهي جو هُو وقت تي شروع ٿيندا آهن ۽ انهن کي پنهنجي وقت تي ئي ختم ٿيڻو هوندو آهي، اهي ٿوري وقت جا



مسائل به ٿي سگهن ٿا ۽ گهٽي وقت جا به، پر اهي حل پنهنجي وقت تي ئي ٿيندا آهن، انهن کي حل ڪرڻ ۽ ختم ڪرڻ جون اڳواٽ تدبيرون ڪرڻ گهرجن، پر جڏهن تقدير غالب هجي ته تدبير ڪم ناهي ايندي، ان ڪري ڪيئي مسئلن ۾ ضبط ۽ صبر کان علاوه ڪا واٽ ناهي هوندي

ميڊيڪلي طور تي ڊاڪٽرز هڪ ٽرم استعمال ڪندا آهن جنهن کي ”ويٽ اينڊ واچ“ چيو ويندو آهي، ان جو مطلب هي آهي ته پهريون پيرو ڊاڪٽر توهان کي دواء نه ڏيندو، اهو چوندو توهان ٿورو ٽائم فيڪٽر يُوز ڪيو، ٿي سگهي ٿو ته توهان جو هي مسئلو پاڻ ئي حل ٿي وڃي، ۽ نفسياتي طور ان ۾ هي به ٿيندو آهي ته جڏهن مسئلو شروع ۾ توهان وٽ ايندو آهي ته توهان کي خبر ناهي پوندي ته مان هن کان بچڻ جي لاءِ ڇا ڪيان ڇا نه ڪيان؟ جلدي ۾ توهان صحيح معنيٰ ۾ ان جو جائزو نه وٺي سگهندا آهيو، ۽ ٿي سگهي ٿو ته مسئلو ننڍو هجي پر توهان جي پريشان ٿيڻ ۽ بي چين ٿيڻ جي سبب اهو ننڍڙو مسئلو به وڏو ٿي وڃي، مثال طور انگزائٽي (Anxiety) جي ٽريٽمنٽ پهريان ان طرح هوندي آهي ته جنهن کي ڪنهن شيءِ کان انگزائٽي هوندي آهي ان کي چيو ويندو آهي ته توهان آرام سان ويهي رهو، ڪجهه وقت ۾ توهان جي انگزائٽي پاڻ ئي هيٺ اچڻ شروع ٿي ويندي. ته مسائل جي حل جي سلسلي ۾ هڪ ته ٽائم فيڪٽر جو وڏو ايشو آهي، اوچتو مسائل ايندا آهن ته شروع ۾ توهان انهن کي هڪ به ڪلاڪ يا هڪ به ڏينهن پاڻ جي حد تائين محدود رکو، ٽيسٽائين اهي مسائل يا ته پاڻ ئي حل ٿي ويندا يا پوءِ ٿي سگهي ٿو ته توهان جي ذهن ۾ ئي ڪو سُنو حل اچي وڃي،

بي ضروري ڳالهه هي آهي ته توهان پنهنجو مسئلو ڊسڪس ڪنهن سان ڪري رهيا آهيو، جنهن سان توهان پنهنجو مسئلو بيان ڪري رهيا آهيو اهو توهان جو مسئلو حل ڪري سگهي ٿو يا نه، جيڪڏهن اهو حل نه ٿو ڪري سگهي ته هاڻي هڪ جي بدران ٻه ماڻهو پرابلم جو شڪار ٿي ويندا بلڪ ڪڏهن ڪڏهن گهر ۾ ڊسڪس ڪرڻ سان سڀ گهر وارا پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن، جو ته گهر کان ٻاهر جا مسئلا ۽ پرابلمز گهر ۾ بيان ڪرڻ سان گهر ۾(Panic) (خوف ۽ ڊپ) پکڙجندو آهي ۽ توهان جي گهر وارا پريشاني ۽ ٽينشنز جو شڪار ٿي ويندا آهن، پهريان توهان جي گهر واري نارمل هئي، گهر جا ڪم ڪار ڪرڻ، شين کي رکڻ ۽ ڪٽڻ ۾ ان کي ڪو پرابلم نه هو، پر جڏهن توهان ٻاهريان مسئلا ذڪر ڪري ان کي ٽينشن ڏئي ڇڏي ته هاڻي اها پليٽ به ڪيرائي سگهي ٿي، ڪپ به ان جي هٿ مان

ڪري سگهي ٿو، چلهه تي ان جو هٿ ٻه سڙي سگهي ٿو پيو ٻه ڪجهه نه ٿيڻ وارو ان ڪان ٿي سگهي ٿو، جوته ان کي گهٻراهٽ شروع ٿي ويندي آهي، ”گهٻراهٽ ڊاٽ ڪام“ گهر ۾ شروع ٿي وڃي ته پوءِ هيءَ ويب سائيٽ وڏي عجيب صورت حال پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙيءَ طرح ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه اسلامي ڀائرن جي نيچر بابت خبر پوندي آهي ته هو پنهنجو تنظيمي مَيٽر ٻه گهر ۾ ڊسڪس ڪندا آهن حالانڪ تنظيم جون ڳالهيون گهر ۾ ڊسڪس ڪرڻ مناسب ئي ناهي، بلڪ دعوت اسلامي جو ته هي طريقيڪار آهي ته پنهنجو مسئلو متعلقه (لاڳاپيل) اسلامي ڀاءُ سان بيان ڪري خاموش ٿي وڃو، مثال طور پنهنجي نگران سان ڳالهه ڪري چپ ٿي وڃو، پر ڪجهه اسلامي ڀائر نگران کي ٻڌائي خاموش ته ٿي ويندا هوندا پر گهر ۾ سيني سان ڳالهه شيئر ڪندا هوندا، حالانڪ تنظيمي مسئلن جو حل گهر مان ناهي نڪرندو، اهڙيءَ طرح ڪاروباري مسئلن جو حل ٻه گهر مان ناهي نڪرندو، البته ڪاروبار ۾ آمدني گهٽ آهي ۽ ان گهٽ آمدني کي بنياد بڻائي گهر ۾ توهان اخراجات بابت ڊسڪس ڪرڻ چاهيو ته اهو ٽاپڪ مناسب آهي جو توهان ان معاملي کي گهر ۾ ڊسڪس ڪريو. ايئن ئي ڪجهه مسئلا انسان جا فزيڪلي هوندا آهن جنهن کي گهر ۾ ذڪر ڪيو وڃي ته گهر وارا پريشان ٿي ويندا آهن، جيڪڏهن ضرورت نه هجي ته ان جو تذڪرو ٻه گهر ۾ نه ڪيو وڃي، گهر کان ٻاهر وارا مسئلا گهر ۾ ذڪر ڪرڻ جي هڪ وڏي خرابي هي ٻه هوندي آهي ته اهڙي صورت ۾ عام طور تي غيبت، تهمت، بهتان ۽ بدگماني جهڙن گناهن ۾ مبتلا رهڻ جو امڪان رهندو آهي. منهنجو تمام عاشقانِ رسول کان فرياد آهي! صبر ۽ همت سان ڪم وٺو، بلاوجهه پنهنجا مسئلا هر ڪنهن سان بيان نه ڪريو ۽ پرابلمز کي وقت تي حل ڪرڻ جي لاءِ صرف ۽ صرف لاڳاپيل افراد ئي سان ڳالهه ٻولهه ڪريو. الله ڪريم اسان جي حال تي رحمت جي نظر فرمائي ۽ دنيا ۽ آخرت جي پريشانين کان اسان کي محفوظ فرمائي.

اٰمِين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم





موضوع

# واٽر ڪولر تي حملو

مولانا حيدر علي مدني*

ٻارن جو ڪيڏڻ وارو گرائونڊ بہ دلچسپ منظر پيش ڪري رهيو هو، ٻہ ٻار هڪٻئي جي پويان ڊوڙي رهيا هئا، ڪجھ ٻار فُرزبي (frisbee-Flying Dis) سان ڪيڏي رهيا هئا ۽ هڪ گروپ برف پاڻي سان ڪيڏڻ ۾ رڌل هو، ٽيچر فاروق مٽي دريءَ مان هي سڀ ڪجھ ڏسي رهيو هو تڏهن بريڪ ٽائيم ختم ٿيڻ لڳو تہ سڀ ٻار ڪلاس جي ڪمرن ڏانهن واپس وڃڻ کان پهريان واٽر ڪولر جي طرف پاڻي پيئڻ جي لاءِ ڊوڙيا، ڪجھ دير پهريان جيڪي ٻار گروپس جي صورت ۾ پنهنجي پنهنجي واريءَ تي ڪيڏي رهيا هئا واٽر ڪولر وٽ ايندي ئي پاڻيءَ تي ايئن ٽُٽا جيئن هڪ فوج ٻئي ملڪ تي حملو ڪندي آهي، جيئن تيئن جنهن جي هٿ ۾ گلاس آيو اتي ئي بيهي پيئڻ لڳو. ٽيچر فاروق جيڪو ڪجھ دير پهريان گرائونڊ ۾ ڪيڏندي ٻارن کي مسڪرائيندي ڏسي رهيو هو، انهن ئي ٻارن کي پاڻي پيئندي ڏسي ڪري ڪين مسڪراهٽ غائب ٿي وئي،

اصل ۾ فاروق صاحب جو ان اسڪول ۾ اڄ پهريون ڏينهن هو، تڏهن تہ هو ٻارن جي تمام مصروفيات کي وڏي غور سان ڏسي رهيو هو اوچتو انهن ڏنو تہ هڪ ٻار آرام سان هلندي واٽر ڪولر وٽ آيو، ٻارن جي ڀري تي وڃڻ تي ان اڳتي وڌي ڪري پاڻيءَ جو گلاس ڀريو ۽ ويجهو ئي رکيل بينچ تي ويهي ڪري ٽن ساهن ۾ پاڻيءَ جو گلاس ختم ڪري واپس رکيو ۽ ڪلاس روم جي طرف هليو ويو. وقفي ختم ٿيڻ جي گهنٽي وڳي تہ استاد فاروق بہ پنهنجي ڪلاس ڏانهن وڌيو ڪلاس ۾ داخل تي ڪري انهن ڏنو تہ پهرين ئي قطار ۾ اهو ٻار وينو هو(جنهن آرام سان ويهي ٽن ساهن ۾ پاڻي پيتو هو). پهريون ڏينهن هو انڪري سر فاروق سيني کي پنهنجو پنهنجو نالو ٻڌائڻ جو چيو، پنهنجي واريءَ تي ان ٻار چيو: مونکي سڀ پيار سان چوٽو چوندا آهن. اڄوڪو پيريڊ سر فاروق ٻارن سان هيڏانهن هوڏانهن ڳالهين ۾ گذاري ڇڏيو، ڳالهيون بہ اهڙيون هيون جنهن ۾ ٻار دلچسپي وٺندا آهن ايئن اهي نئين ٽيچر هئڻ جي باوجود سر فاروق سان تمام جلد رَلجي ويا. پيريڊ ختم ٿيڻ کان پهريان سر فاروق چوٽو کي پاڻ وٽ

گهرايو ۽ پڇيائين: پٽ توهان کي خبر آهي ته پاڻي پيئڻ جو اسلامي طريقو ڇا آهي؟

ڇوٽوءَ چيو: جي سر! مون مدني چينل تي غلام رسول جا مدني گلَ ۾ ڏٺو هو ته بسم الله پڙهي ڪري، ويهي ڪري ۽ ٽن ساهن ۾ ساڄي هٿ سان پاڻي پيئڻ گهرجي ۽ پيئڻ کان پهريان ڏسي وٺڻ گهرجي ته پاڻيءَ ۾ ڪجھ ڪريل ته ناهي.

ڇوٽوءَ جو جواب ٻڌي ڪري سر فاروق تمام گهڻو خوش ٿيو.

ايتري ۾ پيريڊ ختم ٿيڻ جي گهنٽي وڄي چڪي هئي.

ايندڙ ڏينهن بريڪ ختم ٿيڻ تي ٻار ڪلاس روم ۾ آيا ته ڏٺائون سر فاروق پهريان کان ئي اتي موجود هو، ٻار السلام عليڪم چوندي پنهنجي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهندا پئي ويا، وائٽ بورڊ جي پر ۾ ئي هڪ اسٽول تي واٽر ڪولر رکيل هو.

سڀ ٻار اچي ڪري ويهي رهيا ته سر فاروق چيو: چڱو ٻارو اڄ جي ڪلاس ۾ اسان هڪ ايڪٽيوٽي ڪنداسين، پوءِ پاڻ ڇوٽوءَ سان گڏ ڇئن ٻين ٻارن کي پاڻ وٽ گهرائي ڪري ڪجھ پلي ڪارڊ پڪڙايا ۽ پوءِ واٽر ڪولر وٽ بيهاري ڇڏيائين ۽ پوءِ ٻارن ڏي ڏسي ڪري چيائين: ٻارو اڄ اسان کي پاڻي جي پيئڻ جي ايڪٽيوٽي ڪرڻي آهي، پهريان ته منهنجي هڪ ڳالھ توجھ سان ٻڌو: جتي ٻه هڪ کان وڌيڪ ٻار هجن ته سيني کي قطار ۾ لڳي ڪري پنهنجي واريءَ جو انتظار ڪرڻ گهرجي، توڙي جو کو ڇئي يا نه ڇئي اسان کي قطار ئي ٺاهڻي آهي، توهان سيني کي سمجھ آئي؟

جي ها، سيني ٻارن بلند آواز سان جواب ڏنو.

هلو هاڻي منهنجي ساڄي پاسي وارا ٻار پاڻي پيئڻ جي لاءِ اچن! سر فاروق جي ڳالھ ٻڌي ڪري ٻارن اڳتي وڌي ڪري قطار ٺاهڻ شروع ڪري ڇڏي. پهرين ٻار اڳتي وڌي ڪري گلاس ۾ پاڻي پريو ۽ پيئڻ لڳو ته سر فاروق جلدي ۾ چيو: بيهو پٽ! پوءِ سر فاروق ٻارن کي چيو ته پنهنجا پنهنجا پلي ڪارڊ ٻارن ڏي گهمايو:

هڪ تي لکيل هو: گلاس ۾ پاڻي ايترو ئي پريو جيترو پيئڻو هجي.

ٻئي تي لکيل هو: پاڻي ويهي ڪري ۽ ساڄي هٿ سان پيئڻ گهرجي.

ٽئين تي: بسم الله پڙهي ڪري پيئڻ گهرجي.

چوٿين تي: پيئڻ کان پهريان گلاس ۾ ڏسي وٺڻ گهرجي ته کو ڪيڙو ماڪوڙو وغيره ته ناهي.

پنجين تي: پاڻي ٽن ساهن ۾ آرام آرام سان پيئڻ گهرجي،

پيارا ٻارو! هي آهي پاڻي پيئڻ جو اسلامي طريقو، هاڻي ٻه ۽ آئينده ٻه توهان کي هن ئيءَ طريقي سان پاڻي پيئڻو آهي.

سيني ٻارن بلند آواز سان چيو: يَس سر.

# صبر ڪرڻ ڪربلا وارن کان سکو

## از: شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العالیہ

فرمانِ مصطفٰي صلی اللہ علیہ والہ وسلم آهي: الله پاڪ جي طرفان جڏهن ٻانهي جي لاءِ نصيب ۾ ڪو مرتبو هوندو آهي ۽ ٻانهو پنهنجي عمل جي ذريعي ان تائين پهچي ناهي سگهندو تہ الله پاڪ ان کي جسماني يا مالي يا اولاد جي پريشانيءَ ۾ مبتلا فرمائي ڇڏيندو آهي، پوءِ ان کي صبر جي توفيق عطا فرمائيندو آهي ۽ کيس ان مرتبي تائين پهچائي ڇڏيندو آهي جيڪو الله پاڪ جي طرفان ان جي نصيب ۾ لکيل هوندو آهي. (ابوداؤد، ٣/ ٢٤٦، حديث: ٣٠٩٠)

اي عاشقانِ رسول! ڪنهن جو ننڍڙو ٻار وفات ڪري وڃي يا نوجوان پٽ دنيا مان هليو وڃي تہ عام طور والدين ۽ ٻين قريبي رشتيدارن جي لاءِ صبر ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙي موقعي تي زبان مان بي صبريءَ جا اهڙا لفظ بہ نڪري ويندا آهن جيڪي نہ نڪرڻ گهرجن، بلڪ معاذالله ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪفريہ ڪلما بڪيا ويندا آهن جيڪي ايمان کي برباد ڪري ڇڏيندا آهن، ايمان سان گڏوگڏ سڀ نيڪيون بہ ضايع ٿي وينديون آهن، تنهنڪري فوتگيءَ جي موقعي تي ڳالهايا ويندڙ مختلف غلط ۽ ڪفريہ الفاظ ۽ جملن وغيره بابت معلومات ۽ انهن جا ضروري احڪامَ ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب "ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب" صفحي نمبر 489 کان وٺي 496 تائين ضرور پڙهو. ۽ هي بہ ياد رکو تہ صبر جيترو ڏکيو هوندو قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل ۾ ايترو ئي وزندار هوندو ۽ ان شاء اللہ الکریم ثواب بہ ايترو ئي وڌيڪ ملندو. پڻ ماڻهن کي ايئن بہ سوچڻ گهرجي تہ ميدانِ ڪربلا ۾ جڏهن ڇهہ مهينن جي شهزادي علي اصغر رحمۃ اللہ علیہ شهادت جو جام پيتو هو تہ سندن والدِ محترم، امام عالي مقام، امامِ حسين رضی اللہ عنہ جن ۽ ننڍڙي شهيد جي امڙ سائڻ بہ صبر ڪيو هو. امام عالي مقام، امامِ حسين رضی اللہ عنہ جن جو جوان پٽ حضرت سيدنا علي اڪبر رضی اللہ عنہ بہ ميدانِ ڪربلا ۾ ٽن ڏينهن جو بڪايل اڃايل شهيد ڪيو ويو. امامِ عالي مقام جا ڀائر حضرت سيدنا عباس علمدار، ڀائيجا ڀاڻيا پڻ شهيد ٿيا ايستائين جو خود امام حسين رضی اللہ عنہ کي بہ شهيد ڪيو ويو، انهن تمام مصيبتن جي هوندي بہ اهلبيتِ اطهار جي مبارڪ زبانن تي بي صبريءَ جو هڪ لفظ بہ نہ آيو ۽ انهن صبر جو هڪ نرالو مثال قائم ڪيو. "بيشڪ الله پاڪ صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي" هن ڳالهہ جي خوشخبري بہ خود قرآنِ ڪريم ۾ صابرين کي ڏني وئي آهي. تہ پوءِ بي صبري ڪري اسان پنهنجي ثواب کي ڇو ضايع ڪريون! ان ڪري اسان کي صبر ئي ڪرڻ گهرجي. الله پاڪ ڪربلا وارن جي صدقي اسان کي پنهنجي رضا تي راضي رهڻ ۽ مصيبتن تي صبر جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلی اللہ علیہ والہ وسلم

(نوٽ: هي مضمون 16 ربيع الاول 1440 هجري جو عشا جي نماز کان بعد ٿيڻ واري هفتيوار مدني مذاڪري جي مدد سان تيار ڪري امير اهلسنت دامت برکاتہم العالیہ جي اصلاح سان پيش ڪيو ويو آهي.)